ستار پيرزادو

# سُورن سانباهو



ستار پيرزادو

# سُورن سانباهو

شاعري

سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي

سڀ حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | سُورن سانباهو |
| شاعر | : | ستار پيرزادو |
| موضوع | : | شاعري |
| ڪتاب نمبر | : | 35 |
| ڇپائيءَ جو سال | : | 2010 |
| ڇپائيندڙ | : | سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي |
| ڏس | : | مزنائين، پارس ميڊيڪل سينٽر<br>مبارڪ شهيد روڊ، ڪراچي. |
| اي ميل | : | esaakhi@gmail.com |
| ڇاپيندڙ | : | البرڪت پريس ، ڪراچي. |
| قيمت | : | 100 رپيا |



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# پيٺا

خاندان جي وڏڙي ، حاجي لعل بخش شيخ
جنهن جي نالي ڳوٺ ۾ مون پيدا ٿي اوهان
جي امانت اوهان تائين پهچائي سگهيو آهيان..

ستار پيرزادو

# ترتيب


| | |
|---|---|
| هک راءِ | 7 |
| بيت | 13 |
| دوها | 31 |
| سورٺا | 37 |
| گيت | 43 |
| چوءُسِتا | 57 |
| هائيڪا | 61 |
| ڏيڍ سِتا | 71 |
| نظم | 75 |
| آزاد نظم | 85 |
| غزل | 141 |
| ترائيل | 156 |

# هڪ راءِ

شاعري ڇو ٿي ڪجي؟ شاعري ڪير ٿو ڪري سگهي؟ سنڌ ۾ هن دؤر ۾ جيڪا به شاعري ٿئي پئي،اها شاعريءَ جو ڪيترو حق ادا ڪري رهي آهي، تجزيو، پرک،يا اوک ڊوک ڪيئن ڪجي؟جيڪا بلڪل ڪجي، ڪو به ان ڪان مبرا ناهي پر ڪيئن ڪجي ۽ ڪير ڪري سگهي ٿو؟ اهي اهڙا سوال آهن جن جو صحيح جواب ته ڪو اهڙو ڏاهو پارکو ڏئي ٿو سگهي جيڪو ان فن جو ماهر هجي ۽ جنهن سان هر ڪو متفق هجي.

هڪڙو دؤر هو ، جيڪو اسان جي سنڌ ۾ فارسي گهوڙي چاڙهسي وارو هو ته ان ۾ سنڌيءَ بدران فارسي ٻوليءَ ۾ شاعري ٿيڻ لڳي ۽ اهو دؤر اسان جي شاعراڻي ادب تي ايترو ته ڊگهو وقت ڇانيو رهيو جو انگريزن جي دؤر حڪومت تائين ان جا آثارعام جام نظر اچن ٿا. اهي آثار اسان کي شيخ اياز جي شروعاتي دؤر تائين ملن ٿا. ان دؤر جا ڀيا نالا به ڪوڙ سارا آهن.

ان دؤر کان پوءِ شيخ اياز، شيخ راز، بردو سنڌي، نياز همايوني، شمشيرالحيدري، تنوير عباسي، امداد حسيني ، ۽ سندن دؤر جي مڙني شاعرن سوچي سمجهي نج سنڌي ٻوليءَ ڏانهن موٽ ڪاڏي، ان سان گڏ و گڏ سياسي وابستگي به شاعريءَ ۾ پنهنجا پير پختا ڄمائي ڇڏيا جو هر سياسي نعرو شاعريءَ جي پيرائي ۾ لڳڻ لڳو.

ڌوڏ هن سماج کي،
لوڏ سامراج کي،
ناهه ڪو نئون نظام،
جو چڱو چوي عوام،
هي نظام آ خراب.
انقلاب، انقلاب ڳاءِ انقلاب.

شيخ اياز جو اهو نظم جڏهن ڪنهن سياسي جماعت جي حمايت لاءِ جلسي گاهه ۾ پڙهڻ جي لاءِ لکيو ويو هو. پوءِ هر ڪنهن ڏٺو ته شيخ اياز، شاهه لطيف ڀٽائيءَ سان سياسي جلسن جلوسن ۾ ڳائجڻ لڳو ۽ اڄ ڏينهن تائين پيو ڳائجي. شاهه لطيف ثقافتي حوالي طور ۽ شيخ اياز سياسي سجاڳي ۽ سُوجهه ٻُوجهه ڏيڻ خاطر.

ان ئي دؤر ۾ شاعريءَ جو ڪارج ڳولي لهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ بنا ڪارج شاعريَ رد ٿيڻ لڳي. جڏهن ته شاعريءَ مان لطيف جذبا پر ڪري اوڏامي ويا جو رومانوي شاعريءَ کي ميدان مان اُڏاريو ويو ان حد تائين جو ان کي ڪٿي واهيرو ڪرڻ ئي نه ٿي ڏنو ويو. ماضي قريب ۾ سنڌي ادبي سنگت جي دستوري گڏجاڻين ۾ اهڙي شاعريءَ کي ڪيترا ئي دوست پير ڪوڙڻ ئي نه ڏيندا هئا. پر"گهر ته اسان جو گوليءَ پنڌ تي" جهڙي شاعريءَ جي تعريف ڪرڻ ۾ دفتر کلي پوندا هئا.

اچتو ٿيو ڇا جو سويت يونين ۾ پروسترائيڪا ۽ گلاسنوسٽ دوستن کي چرڪائي ڇڏيو ۽ انهيءَ کان پوءِ سويت يونين ۾ آيل پروسترائيڪا جي طوفان سنڌ ۾ ڪنهن جي ڪڪائين

## ڇپيل ڪتاب

- پيغامبر (3ايڊيشن) ترجمو 1985_1989
  نيو فيلڊس پبليڪشنس، حيدرآباد
- مون کي محبت آهي. ترجمو 1996ع
  نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد
- تيرهون سج، ترجمو 1999ع
  سنڌ ا دبي اڪيڊمي، ڪراچي
- ويا جي هنگلور، سهيڙيل 2000ع
  سنڌ ا دبي اڪيڊمي، ڪراچي
- سرمد شهيد، ترجمو 2002ع
  سنڌ ا دبي اڪيڊمي ڪراچي
- وڏا وڻ وڻڪار جا سهيڙيل 1997
  سنڌ ا دبي اڪيڊ مي ڪرا چي
- آوارا اردو ترجمو شيخ ايار / ستار 2008
  سنڌ ادبي اڪيڊمي ، ڪراچي
- سيئي جوين ڏينهن ڪهاڻيون 2008
  سنڌ ادبي اڪيڊمي ، ڪراچي
- آدرشي انسان سهيڙيل 2009
  سنڌ ادبي اڪيڊمي ، ڪراچي
- قصائد پاڪ سهيڙيل 2009
  سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي

# بيت

ڏسٽو آهي اڄ، ڪاڏي ليٽي اُٿ،
وچون سارو ٻت، ماڻهن آڏو مامرو.

تون ٻه اوري اڄ، ڪيڏو تي ٻاڪريوم،
سانجهي تي ساريوم، هاڻي رات رمي وئي.

ڪنيا ڪنواري، رات پياري، سوچي ٿڪي اُپ،
سنچو نکري شيپ، لالڻ لا نئڻ سان ملي.

بند ٿيندا نئي ناهن، ماڻهن وات پرين،
چيو ٿي ڏيان ڏرين، چرچو ٻڌي ٻانهنجو

هٽي ڪيڏيون جهمريون، پرٽا ئي پٽ ڪي،
کهڙي ڪل چٽ ڪي، سڪائون باسيئي ڪيتريون.

سهرا سمورا، تنهنجي ڳائيا گهوٽ لئه،
ڪين ٿيا سي پورا، تنهنجا باسيل پلوڙا.

وهاري ونواهه ﷺ، انهو ڪيڏو لائقي،
ڦيرا ڪيڏا پاتئي، سخي شاهه جمال تي

رتو ويس ڏکي، پارائي ڳهه ڳنا،
ڪَيَئي راج ڪنا، شاديءَ لئه چوڪري.

نياڻيون سياڻيون آئيون، ڳاتائون سڀ ڳيچ،
منديءَ ٻوڙايئي چيچ، لکي لکي گهوٽ جي

لائن واري ويل، ڏانيئہ سڀ ڏاڻ،
پوءِ نہ تيا چوميل، لا نئون ڏنئي لال.

نيکيتيءَ جي ويل، گل چوندايئہ گهوٽ کان،
تي نہ سگهيا پر ميل، گهوٽ ونيءَ گهر ۾.

ڏيئي لوڻ ٻڪ ۾، تو جي وٺايا هٿ،
سي نہ رهيا ست، ساڳي آءُ اکيلڙيٰ

ماءُ لڌيون مون لائون، جڻ تہ ٿيو هو ڊوهہ.
کنهن ڏي ڏيان ڏوهہ، قضا مون سان هينئن ڪيو

تو تہ گهٽيون ئي ماءُ، باسون باسيون شاهہ تي،
پر ڪو لونءَ لڳاءُ، مون نہ پاتو وَر سين

مون ٿي رنو ماءُ، تو ٿي ڳاتا سيهرا،
ساريون پينر پاءُ، لائون ڏنيون لاڏ مان.

آءٌ ڪٽان ٿي سُنهن، منهنجو نا هي ڏوهه،
لکيو منجهئين لوهه، پڙيو، پيار نه مليو

گل ڦل گاهه گسن، چوءُ ڏس ٿي سرهاڻ،
وسي ويو وڏڦڙو، وڻ ٽڻ ٿا وهسن،
پرين شال پُرجهن، مند سندا مامرا.

ٻُڪنَ پيلا گلڙا، ڪوتڪ ڪئي قطار،
مُونٽي آئي مند آ، مونٽي پئَ تون يار،
تو ڪان ٽيندي ڏار، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

اڇا گل ايوٽيءَ جا، ٽاري ٽي ٻهڪي،
چَنُون چيها جهرڪيون، ٽِيٽِيهر ٽي ٽَهڪي،
مند سچي مهڪي، توڙي ڏينهن ٽپي ويا.

پيرون ڪپڙن ڪوڙ، ڪامنهن جهليا ڪارڙا،
تڙڳي پاٽيءَ پاند م، جهول ڀرن ٿا ٻارڙا،
تو ڪيئن مون يارڙا، وسريا ورڻ ڏينهڙا.

رهي پئي راتڙي، وس منداٽتي ميٺن
ڪيڏ و مونکي نينهن، نهاريو ننب جاڳ

ماڪي لاهي مونٽيا، ڪنن ڪر ڏس لوٽا،
ڪاڙهي ڪاڙهيا ڪيترا، ڪرا تيوڙي ڪوٽا،
تاڏل چاٽي ڏيئڙي، خص خص بادام ۽ ڦوٽا،
ڏوهٽيا ۽ سپ پوٽا، ڪڙم سچوئي ڪيم ٽي.

رنبي سارين سهاڳٽيون، برت ٽيون پرينءِ،
ڪيڏا نيا ز ڪرينءِ، ڳائي لاڏا لاڏ مان.

ڪيڏي پيڙا سفر جي، جهوري وڏو جي
پرين اوڏو ٿيءُ، تہ لهن ٿڪ سفر جا.

ڏنم توکي ڏاج ۾، لڙڪا ڪين لاڙي،،
ساهہ نہ آئين ساڙي، جڏ ائي هن جي ءَ کي

سانجهي سپون سمنڊ، لهر لهر آلاٽ،
ڪيڏا اونچا ڳاٽ، ڳڙڪائي وينو سمنڊ آ

باڪ ڦٽيءَ جو ماڪ، جرڪي لئيءَ جي لام؛
رات صبح ۽ شام، ماٺهو سيءَ سڪائيا.

ويڙهو سج لڙي، پهتا نہ پانڌي يار،
جن لئہ سڀ جمار، جهڄان جهران جوءِ.

مونکي کهڙي ڪل، جهريو جيءُ نہ جڙٽو،
پيهر نا هي ورٽو، ويو، ورندو ڪين ڪي،

مونکي کهڙي ڪل، دم نہ پنهنجي وس،
موت ڪيڏي مٽ ڪس، جهپي ساهہ سرير کان.

مونکي کهڙي ڪل، رهندو هڪڙي رات،
جيءُ ڏئي نا جهل، جهري جهڄي جوءِ ۾.

مونکي کهڙي ڪل، ايندين نہ موٽي ماڳ،
پير ڦريون ۽ ساڳ، تو بن وٽندا ڪينڪي،

تنهنجا پنا نيڻ، منهنجي ننڊ ڦٽي،
تولاءِ آءٌ مني، سوچي ستس ڪينڪي،

ڀني ساري ڀونءِ، لڙي ويئي رات،
ننڍي نڪري تات، جنِين جهوري جندڙي

تارا گل ڦل باغ، چنڊ چٽاڻو چوڌار،
ڪوليا تو جو وار، اوندهہ سڀ ڏڪي چڏ يا.

آءُ اگر تو ساڻ، اوريان اندر اور،
سوَ سوِ پيرا گهور، ڏيندا منهنجا انگڙا.

تنهنجا سارا انگ، جرڪن چوڏهينءَ رات،
ساري وڳر جي وات، تنهنجي آهي ڳالهڙي.

تو لئہ کهڙي ريت، تو سان سڀ جي پريت،
تو سان جيڪا پريتِ، ڪنهن سان ڪين ٿئي.

ماڻا موهن ڪينڪي، موهن تا ڪي ڀول،
جيڪي منهنجي جهول، آڇيم سي ادب سين.

اک لڳي ئي ڪانہ، سوچي ساري رات لڙي،
متان چنڊ ڪڙي، چوريسو منهنجي چتّ ڪي.

تارا کجکو رات، متان تيو ماٺهن،
کيڏي انهي هيل آ، ڳاڙهسري برسات،
هر کنهن وائي وات، کونڌر کنا کيترا.

تون سارو سچ پرين، آءُ کوڙو کچ،
محبت ٻاريو مچ، آءُ کي اوڏو عشق جي.

تون تہ سهائو سج، اوندھ تو لئہ ناھ،
ٿنہ کٽي تون ساھ، روشن کريو رات کي

پرجهيم هاٽي پت، چاهي مايا موھ،
کنهنجو کونهي ڏوھ، هر کو چاهي مون ملي.

چندن سندي چڪَ، سچڻ سندي سِڪَ،
کانہ رهي تي لک، وکري وجي واءَ ۾.

جهومر جهومن جيئن، تو جهومي اتي جيءُ،
کهڙو پرين آ هيءُ، ڏني ساھ سيبائيو.

ساڏو سوا سور، جوڳي بنا جاڳ،
ڏنو ٻڌو کينکي، بنا راڳيءَ راڳ،
جهاڳي جهاڳ اَجهاڳ، پانڌي پهتا پِرکي.

سُرُ ۽ سُرندو، جڏهن ڪن پيُن،
چاتو ٿي چاٽن، سِر سوا نہ گهرندو.
چارڻ نہ چرندو، چورئي چنگ ٻنا.

گهائي ڪا گهُور ن، ڪنين اڙايو انگ،
ڪنين ڪاٽيا قيد ڙا، ڪنين چنايو ونگ،
ڪنين ساريا ساٿيا، ڪنين ساريو سنگ،
جاني جنين جُنگ، ٻڌن ٻولن ڪينڪي.

اسان رات اداس، سوچيو وينسي سنڌ تي،
ڪيسين رهندي راتڙي، چوِڏّس هيئن اماس،
آيو جهونٽي واءَ سان، رانول رتو واس،
ڪنهن کي ناهہ قياس، ساڙيندي سنڌ کي.

# نذرِ اياز

ڀٽ ڀٽ ھاڻ اياز، ڳائجن تنھنجون ڳالھڙيون،
سارا تنھنجا ساز، گھر گھر گونجن ڪيئن پيا.

ڀٽ ڀٽ ھاڻ اياز، تنھنجو ھي پيغام،
ڪيئن ٿيو آ عام، ڪنڊ ڪنڊ پھتو سنڌ ۾.

ڀٽ ڀٽ ھاڻ اياز، تنھنجون ھي وائيون،
ٻاجھاريون ٻايون، ٻولن جھوليءَ ٻار سان.

ڀٽ ڀٽ ھاڻ اياز، تنھنجا گيت غزل،
ڪانھي جھڙ نہ پل، ڳائجن ڳوٺ ڳلين ۾.

ڀٽ ڀٽ ھاڻ اياز، پنھنجو سچ چيل،
توسان قول ڪيل، ٻارڙين سنڌي جوانڙا

ڀٽ ڀٽ ھاڻ اياز، ڳايل پنھنجا بيت،
ٻرٻر ڀڪن ڪيت، جر جر جرڪن جوانڙا.

سمجهج ماڻ ايا ز، مقصد پنهنجو ماٺيئي،
پرجهي سون سا ڳالهڙي ،لڌ و تنهنجو راز،
تنهنجو هي آواز، ٻڌ و هر هڪ يا يڙيُ

تو سان کهڙي ريس ، تو وٽ لفظن کاڻ ،
حياتي وڏيري ماڻ ، يرج جهولي سنڌ جي.

تنهنجي هيءَ ٻولي، جيڏي ٻاجها ري آهي،
تيڏي تکي گولي، جي ٻوليون ٻئي ڍنگ سان.

موتين پوئين هار، تنهنجا لفظ لڙهيون،
وجين ايئن مڙهيون ، کهنا لفظ صراف جان.

تنهنجا جو ٻي پڙهي ، وايون گيت غزل،
جيءَ اچي نه جهل ، ان جي ننڊ ڦٽي پوي.

منهنجي نيٺئون ننڊ، چاکئون ڦٽي رات،
مونکي ڳولي ذات، لڌ و آهي لوک مان.

# ڳوٺ جي سار

ٻجهي ٿي ٻلهڙيجي، دڙي پاسي دادلي،
جهوري جنهين جي، رات و ڏينهان روح ۾.

جنهن ۾ چاپي مون، پيرين پند ڪيو،
رهان ڪيئن سڪيو، ان جا ساري ڏاڪڙا.

سارون سنڌوءَ ڪپ جون، اڇن سوٽن ساڻ،
پانيان پنهنجو پاڻ، پرزا ڪيان پٽ تي.

اتر شاهه جمال، ڏکڻ شاهه ملوڪ،
ٻوڙي سگهي ڪينڪي، جنهن کي سنڌوءَ ڇال،
ٻڌيو اتان جو حال، هيئون هجي ٿو وڃي.

ڳوٺ مٿان چنڊ، چمڪي چوريو چت کي،
ڳُڙي پيو گهنڊ، پرهه ڦٽي پريات جو

ستي سناريم سيڻ، ورهين ڪين وريا،
سيئي سور ستَّريا، چٽڪي منهنجي چت ۾.

موت نه ڏسي منڊ، هوت نه ڏسي حال،
ڪڏهين ڪري پال، اچي هوند اڻ هوند ۾..

# ٽِر، ڪيڪڙو ۽ واري

ڪڙڪڙ آهي ڪيڪڙو، رڻ پٽ جو راڪاس
ڏاري ٿو آڪاس، هن جو هي آواز.

ساري واري سڄ، وڻ نہ ڪو وانگي،
ا رها سرها سانگي، سونهن ديس وٿاڻ ۾.

پيرون پڪا پوٺن، تڙڪي ٽڪو تپاءُ،
جهولو جهٽي واءُ، ماٺهن لنگ اُساٿيا.

ڪاري واري ڏينهن، ڪڏ هن ٿرندي رات،
ماٺهن ڪاڏي مات، ڪيڏ ي سڄ ا لاءَ سان.

چٽڪي ڪٽڪي ڪرهو، رڙهي نہ راڙا ڪري،
پاٽي ناهي پنڌ پري، هلي ڪيئن هيج سان.

واءُ سڄوئي واسيو، تنهنجي سڳنڌ ساڻ،
تنهنجا سيئي ماڻ، من موهيندا ميان.

اوتي ڀوني ڀِٻ متي، ڪڏ هن وُٺو مينهن،
ڏکيا ڳڏ رن ڏينهن، لاٿو لنب سڙي ويو.

رڻ تي کھڙي رات، توڙي چمڪي چنڊ،
ڳڙي نہ ٿو جنڊ، تہ سونهن آسونهين لڳي.

هيءَ جا ڏيءَ ڏرا ڙجي. آهہ ساماڻي ڪالهہ،
ڳهيليءَ جي ڳالهہ، واڙي واڙي وات تي.

کھڙي ڪريان پت، توسان پنهنجي ڳالهہ،
منهنجي ساري زندگي، منجهيل جهڙي سٽ،،
جي سليان تو سان سور، تہ ڪلي پوندم ڦٽ،،
ساهہ ٿئي تي ڳھَٽ، ساري ڳذريل ڏينهڙا.

سليم ساري پت، جيون جا ٻہ پرولي،
ٻڏي جهوليءَ ماءُ ۾، ٻاجهاري سا ٻولي،
ڇاپي مرڻ وچ ۾، زندگي ڪيئن رولي،
جيتي ويا جڳ ڪان، خالي جنين جهولي
جيڪا وهي ٻولي، ڇاڻ اها ڇاٽي وئي.

# چوڏيل ۾ چنڊ

تنھنجو چھرو چنڊ ، آئيني ۾ جرڪي،
منھنجو من مَرڪي ،اولڙا اکين تي پيا.

تنھنجو چھرو چنڊ ، لڌي آئيني منجھ،
من، تي ٿيو ائن منڊ ، اکيون آئيني ڪتيون

ڳاڙھا تنھنجا ڳل، اکيون ھرٽيءَ ھار،
ڪڪر، ڪارا وار، اکيون آھن آڳميون.

شيشي ۾ چاچول ،سارو جسم چلي پيو،
سڀ ڪي ملي پيو ، ڪيڏو ساءُ سرير، جو

ننڍا اکڙيون نينگريون ، ڏاري وينيون ڪنڌ،
ساٿو سَنڌُ سَنڌُ ، اڄان پنڌ اڳيرو.

آئيني ۾ خوبرو ، ڪالھي ڪنڌ ڏاريو،
منھنجي من واريو ، پري ڪان ٿي پاڻ ڪي.

ڳلن جرڪو سج جو، آئينـي مان اولڙا،
ائين تو چو پورڙا، اکيون چنيي ورتيون.

صوفن جهڙا ڳل، اکيون ڪارا انگور،
هن جي ترڇي گهور، گهائي رس گا ڏئين.

تو لئہ ڪا تشبيهہ، ڪا نہ سجهي تي ڪامڻي،
ائين ڏانوڻ ڏانوتي، اڳ نہ مدن جي د لڙي.

آئيني ۾ تنهنجو چهرو، ائين تو جهولي،
ڪڪرن مان چنڊ تو، چڪور ڪي ڳولي.

اونڌا پئمانا ڪري، بند ڪيئي مڌ شالا،
پياسا ڪتي پيئڻ وجن اجارا موتيو.

ڳل مٿان هٿ آڱريون، چنڊ مٿ سادل،
نڪري جهٽ پل، چنڊ چتاٽو پيو ڪري.

ستي سارين ڪانہ، ڪنهنڪي تي پر پيائين،
نہ تي جو ڳالهائين، سرتي سمجهيم سيڪي.

آئيني ۾ چهرو چنڊ ، جهولي پينگهي جيان،
منهنجو من ميان ، آهي اڪنديون ڏي.

اڪيون ڪولي تون، سنواريا تي وار،
جڻ تہ ٻولي تو، ڏني پڪ پريت جي.

اڪيون ڪولي تو، سنواريا پٺي وار،
تنهنجا سارا پيار ، پرجهيا مون پرين.

اڪيون ڪولي عجب مان، ڏٺئي پنهنجو پاڻ،
هيڏي ڪيئن سرهاڻ، نڪتي منهنجي ننڊ ۾.

ير ۾ سڪيءَ ساڻ، سوليئي جيڪي ٻولڙيون،
تڙقي من ڪئي ناڻ ، ٻڌان باجهارين ڪي

ويندي هڪ نظر ، وڏم نوتي پوپري،
وٽينءَ مونکي اونري جيئن ياڪر ۾ هجين.

چمڻ جهرڻا چپڙا ، چمڻ جهڙيون چاتيون،
ڪبڏيون آهن آتيون ، اکيون اربيليءَ سنديون.

ير ۾ تنهنجي سڪي سونهين گل گلاب جيان،
گهوريو ڪيئن نہ وڃان ، پرين! پرڏيهہ جا.

# دوها

هار ڪري سينگار، جڏهن ڪنيان تو پير،
هاڻ لقتا نا چٽي، منهنجي من، جا مير.

هار ڪري سينگار، تو جو ڪيڙي گهور،
موهيو منهنجو من،، چڪي دل اک انبور.

آءُ هلي هڪ وار، ٿلي، اڳڻ اجاري وچ،
من، ۾ مانئي چٽنگ مٺي، پنيت ٻاري وچ.

آءُ هلي هڪ وار، ڪلي پريائي وچ هي من
ساهه نه ٿو سيبائي سرتا، ڪامي ٿو مون تن.

جيڏي ڪاري رات، تيڏا روشن نيڻ،
ڪيئن نه ٻڪجن تن سان، منهنجا آتما نيڻ

ڪيئن ياد ڪيانس، سڄڻ وسري ٿي نه ٿو،
ساهه ۾ ساجن رهي، ذهن ۾ اُسري ٿي نه ٿو.

ڳالهه ڪنهنجي ڪيان. ياد بس هڪڙي اٿم،
ڪنهن کي ڪيئن ميان، هن ٻڌائي باجهه سان.

اکڙيون کول تہ اوتيان تن ۾، پنهنجي من جي جوت،
اونداهيون سڀ روشن ٿيڻجن، منهنجي دل جا هوت.

ڳاءِ اتي يرر راڻو هاٿي، تي وٺي آ پرپات،
من ۾ کو مانڊاڻ مچي، ڪيڏي آهي سانت.

جنهنجا ڳل گلاب ڪڙيل ،نرگس جهڙا نيڻ،
سي ئي منهنجا ساجن سرتي، سي ئي منهنجا سيڻ.

اٺ اڇارو پيست بکيو ،اُکلي کهڙو پنڌ،
اوٺي وينو واجهہ وجهي، نا هہ وڃا ٽو هنڌ.

اپ ڦي نا هي چنڊ سکي! تا تارا کل ول کن ،
ساريم پنهنجا سيڻ سکي! مونکي موهيو جن.

آءٌ اوهان جي آهيان پيارا ، ٻئي جي نا هي ڪاڻ ،
تون ئي موتين مالها آهين ، تون ئي هيرن کاڻ.

لائي پريت نباهڻ سرتا ، آهي پنهنجي ريت،
موهي ماٺن سان نہ مارج ، جهڙ ڪري نا جيت.

ڪُـــچي ڪير سگهي، ڪنهن جـي آهـ مجال،
تـوآڏو ڪـين هلـي، منهنجـي جـان جمـال.

تنهنجي ڪارن وارن نيارن ،موهيو منهنجو من،
تنهنجي نيڻ نهارن تي ، تڙپي اتيـو هـي تن.

ساتي ساري هنجون هاري، هيءَ ايساٽي ڪير،
رات نهاري سج اياري، ڪنهنجا گهٽ ۾ گهير،

اڪيـون هـي نہ اوپريـون ،صـدين جـي سـڃاڻ،
هلـي آئيـون پـاڻ، منهنجـو مـان متـي ڪـرڻ.

مـــان آهيـــان آواز، وڪـــري واءُ ۾ وچـــان،
تـڙ تـڙ تـي پـرلاءُ، ٻجهـي ٻُـري تـو اجـان

تـارا تنهنجـو ڏوهـ نہ آ، پلـي پيـو تـون ڪـلُ،
پري آ مون ڪان ساجن، تـون ئـي هـن سـان ملُ،

رات وسايم وڏ ڦــڙو، تــو ڪــي ســاري ســيڻ،
ڪنهن جا ساريم ڪين ڪي، سرتين ڏنا جي ويڻ

ڳــاءِ اتــي يــر راڻــو هــاڻي، تــي وئــي آ پريــات،
مــن ۾ ڪــو مانــڌاڻ مچــي، ڪيــڏي آهــي ســانت.

آئون اوهان جي آهيان پيارا، ٻئي جي نا هي ڪاڻ،
تون ئي مون لاءِ موتين مالها، تون ئي هيرن ڪاڻ.

تنهنجــي وارن ڪــارن نيــارن، موهيــو آ هــي مــنُ،
تنهنجــي نــيڻ نهــارن تــي يــر، تڙپــي اتيــو هــي تــن.

# سورنا

سُتي تنهنجي سونهن، نکري آئينني منجهان،
دل سان ڪئي وِرُونهن، وسري ڪيئن وجود کان.

ڪنهنجي ناهہ مجال، ايند ن روڪي راھہ،
پورن متان پال ، ڪري قرب قريب تو.

رڻ تي رات اُئي، برڪا بوند بهار جي،
لتي مونجهہ مُٽي ، سائون سرس ڦولاريو.

پنڌ نہ پراهون ، جي هلين هئين ساڻ ،
تورو اگهاهون ، ساجن آهي سات ۾

لڙي هيل تہ آءُ ، ڏس تہ اسان جا ڏاڪڙا،
سڌ نہ سات سماءُ ، کهڙو ويل وهي ويو.

اهي ئي ياد ڪرين، جن وساريو هجيس،
سي ڪيئن سارين ، جن جي ساھ پسا ھ ۾.

تو سان پنهنجو سنگ،سنيران صديون اڳي،
منهنجو هر هڪ انگ، جهومي تنهنجي گيت تي.

لڪيم جيڪي بيت، چهرو تنهنجو ڏسي،
لهرون لهرون ڪيت، مٿان چنڊ ڏسي پيو.

چڙهي مٿي چوٽ، ڏسي بيٺو چنڊ تو،
جيڏا اونچا ڪوٽ، اوڏو ظلم زمين تي.

تون بہ اوري آءُ، توڏي آءٌ رڙهان پيو،
منهنجو ٿهريو ٿانءُ، پرچ پنهنجي پاڄهہ سان.

ماٺِهن وات نہ ڪي ڪوهہ، تيئا نا هن بند،
ڏس ڪيڏا سهڻا توهہ، گدرا ٿيندا ڪينڪي.

تون بہ اوري ٿيءُ، ڏس منهنجا ڏاڪڙا،
سيارو سارو سيءُ، لهي ڪين وجود جو.

ٺهہ ٺهہ گوڙها نيڻ، ٽپڪي پاند پسائيو،
پنهنجا سيئي سيڻ، ساريم ويٺي سانت ۾.

تنهن جو چهرو چنڊ، تارا ڏسجن ڪينڪي،
محبت وارو منڊ، مون تي مڙهجي آ ويو.

لڙئـي سـج لهـرون ، واريءَ جـون واٽـن تـي،
پويـاڙيءَ پهـرون ، ورن سـيـ وٽـاڻ ڏي.

اوريـنـدي اورون ،اُپريـو سـج اُلهـي ويـو،
آيـونِ ٽـي سـارون ، اونهـي مـان اوج سـان.

ڪـا لهـا نڪـر ڪانـگ، ڪنـڌيءَ وينـو ٽـاڻـي،
سـاٿيئڙن جـو سـانگ، آهـي منهنجـي پـار ڏي.

وريـو ڏڪـڻ واءُ، موٺجهـ لتـي مـاڪ تـان،
هاڻـي پرين تون آءُ ،گڏ جي گهاريون راتـڙي.

مـونکي ڪهـڙي ڪـل، وري ورنـدين ڪـين
ڪري سـگهان نـا پـل،مٺو مـن مانـدو ٿئـي

اتـي پانـڌي يـار، پـورج پـرينءَ پـار ڏي،
سـتي وينـي سـار ، تـوکي جـنهن جـي جـيءَ ۾.

اتـي پانـڌي يـار، پـورج پـرينءَ پـار ڏي،
سـتي وينـي سـار ، تـوکي جـنهن جـي جـيءَ ۾.

آءُ تـہ گـڏجي گهـاريون ، بـن وڇـوڙو پـوءِ،
آءُ تـہ جند ڙي واريون، تو تان سانجهـ صباح.

کيڏا پختا ٻڪ هيا،نظرن جا تو منجھہ،
سارا سوين لڪ هيا، تنهنجا ٻول پرين.

اڄي عشق امام، ڪيو قرب ڪلام،
سئم جيئن سلام، تيئن پختو پيچ پيو.

آءُ اگر تو ساڻ، ڪيان روح رچنديون،
چنڊ ڪتين ساڻ، تڪ ٻڌي ٻڌ ندو رهي.

سڪان ساري رات، ايرئي سان اَپِري ٽيان،
وائي پوءِ پي وات،مونکي ساجن جي رهي.

ڪانهي ڪابہ ميار،توتي منهنجا يار،
آهي مون ڄمار، اُڪنديءَ ازل ڪئون.

رهي منهنجي روح، ساجن سانه سريرءِ،
سانجهي ساڻ صبوح، ڳُجهي ڳرهيان ڳالهڙي.

هيڪل وَسُوري آنءُ، آهيان تنهنجي آسري،
وٺيو تنهنجو نانءُ، جڏو جيءُ جياريان.

مان نہ پنهنجي وس، سڀ ڪي تنهنجي وس،
ڏانءُ پرين ڪو ڏس،تو سان پريت پختي ٿئي.

# گیت

- تنهنجي سار ستائي.
- تون آن آيو هيل، اويري ويل.
- وسڪاري ويل نہ آ.
- سينو آءُ ڪيئن تو سان ساهيان.
- آءُ تہ بهارون پيرو ڪن.
- نہ ڪر پڇتاءُ منهنجا ياءُ.
- نيٺ ڏين ويٺ.
- وس وس او مينهڙا!!

تنهنجي سارستائي

سا جن !

پل پل تي تڙپائي

ڪيڏا ڏينهن وڇوڙي پيڙا ، ڪين لڌي تو ڪا سار،

ڪيئي چوءُ ماسا گذ ريا ،لنگهي ويا سوين بهار.

ڪونج لنگهي ڪرلائي

ساجن!

پل پل تي تڙپا ئي.

هيل اچي ڪر ميل ،ڏ ڪئي هن ڏيل سندو ڪر دارون،

ساھ سِڪي ٿو ريجهي ڪين، ڪري توهان لئہ ڪارون.

سُورُ اند ر جڙ لائي

ساجن!

پل پل تي تڙپا ئي

واجھ وجهان واجهائيان، سڏ پڙاڏا ساريون واٽون،

روح رڙي ٿو تو لئہ ساجن! نيڻ وسن جيئين چاٽون.

جڻ ڪو سارنگ ڳائي،

سا جن!

پل پل تي تڙپائي.

آءُ هلي، پوءِ ڏيھ پلي، ڳالهيون ڳائي ڪين مڙي،

چوريو منهنجو چت آهي،ڪن پئي هن چنگ چڙي.

ساھ سندم سيڏائي،

سا جن!

تنهنجي سار، سنائي
تون آن آيو هيل، اوبريءَ ويل،
ڏني لهندا ڏک پرين.

اڏاريم ڪيئي ڪانگ ، مسين ڪيا تو سانگ ،
پاٽان تيا پڙيانگ ، لاڙي آئين چانگ.
تنهنجي آئي او پيارا!
سَهنجا تيا هيل سيارا
تو جو ڪيڙا ميل، جـڙي پيا سي ڪيل،
ساريان ڪهڙا بسک پرين.

ويهه ته وهسي دل، ڪيچ ڪري ڪـل ول،
اک نه ايندي گـهل بئي نه لڳندي دل،
تون منهنجو سينگار،
تو سان منهنجو پيار،
تون آن تيل ڦليل، آءُ ته ڪريون ميل،
ڇهري ڪهڙي مَڪَ ڇڪ پرين!
تون آن آيو هيل، اوبري ويل،
ڏني لهندا ڏک پرين!

وسڪاري جي ويل نہ آ،
ڪنوڻ ڪيو ير ڪيل نہ آ.
هڙڪ هلو هو،
ڏيمان هلو هو.

آهہ گھٽا گھنگھور پر،
هيل، نہ برسيا ٽر ۽ بر،
هڙڪ هلو هو،
ڏيمان هلو هو

ڪيڏي پياسي پٽ آهي،
ڪڪري برسي جهٽ آهي.
هڙڪ هلو هو
ڏيمان هلو هو.

آهہ اڏاٽي واءَ سان واري،
ڌرتي پنهنجي پوءِ بہ پياري،
هڙڪ هلو هو،
ڏيمان هلو هو.

سر سڪو آ سانگي ڳيو،
وڻ نہ آهي وانگي بچيو،
هڙڪ هلو هو،
ڏيمان هلو هو

سورج آهي باک ڦٽي،
راهہ بہ پنهنجي جاڻ ڪٽي
هڙڪ هلو هو
ڏيمان هلو هو.

ويڙها پنهنجا سارا وڳ،
اکين ڏٺا سون الله لڳ،
هڙڪ هلو هو،
ڏيمان هلو هو .

مارو مليا مُرڪي مُرڪي،
ڳڏجي وينا سُرڪي سُرڪي،
ويڙهي يار ڪٽا ،
ملندي ٿڪ لٿا.

سينو تو سان آءٌ ڪيئن ساهيان،
ٿورا تنهنجا ڪيئن مان لاهيان،
جهڙي آهيان مان تنهنجي آهيان.
تو ڪان ڪيئن لنوايان،
تو سان نينهن نباهيان
تون شل مونکي پنهنجو پائين.

اڄ تہ اتر واءُ لڳو آهي مند مٽي
ڪئن تو ڪان وسري منهنجي گهٽي،
تون ئي سر جو سائين،
ڇو مونکي ڳل نا لائين،
تو بن جيءُ جنجال، اڇي تون ڳسر لائين.

٥

تون جو وئين ٿي دل جي ڏرتي ويران
تو بن ساري جڳ، مِ آءٌ رهان حيران
ڪين وٺي تو مٺڙا مونکي پيو انسان
تو بن نا هي آرام
ياد پوين صبح شام،
تون ئي منهنجي سر جو سائين.

آءُ تہ بھارون پيرو ڪن،
موتي مند ملهار،
منهن جا پيار،
تو بن گهاريان ڏينهن ڏکيا.

سرتين، جا جيئن چهرا ٻهڪن،
منهن جي من ۾ اڌما ٿهڪن،
ساري تنهنجا پيار،
ڪيئن رهان مان ڏار،
دک تا دل ۾ ديرو ڪن،
آءُ تہ بھارون پيرو ڪن.
تو بن گهاريان ڏينهن ڏکيا.

ڪونجڙي ڪرڪي پار اڏي وئي،
سانجهي ٿي وئي سار وڌي وئي،
دل نہ لڳي ڪم ڪار،
آءُ اچي دک ٽار،
سونجھ چڙهي وئي آهي من.
آءُ تہ بھارون پيرو ڪن،
تو بن گهاريان ڏينهن ڏکيا.

چانڊ وڪي ۾ جهر مر تارا،
هر هر مون ڏي ڪرن اشارا،
هاڻ اچي گڏ گهار،
پاڻان ڪر نا ڏار،
سدا وسو منهن جي چن
آءُ تہ بهارون پيرو ڪن،
تؤ بن گهاريان ڏينهن ڏکيا.

ايندين تون تہ تيندا سڪڙا،
ڏني اوهان جي لهندا ڏکڙا،
اچو تہ تين ديدار،
آ دل کي ڪيڏي سار،
ير وجهو وڇوڙي کي ٻن،
آءُ تہ بهارون پيرو ڪن.
تو بن گهاريان ڏينهين ڏکيا.

منهنجي بدن جي بک بلي،
ڪيئن ڪو پنهنجي دل پلي،
تانگهہ لڳي تارون تار،
آءُ اچي پياسي پيار،
تونس تپايو آهي جن
آءُ تہ بهارون پيرو ڪن
تو بن گهاريان ڏينهن ڏکيا.

جيئن رهيو آن ايڏو ڏور،
آنءُ وجان پئي تيئن وهلور
ايئن نہ تڙپائي مار.
آءُ اچي ٻڌنديءَ تار،
منهنجي ننڊ نہ آهي نيڻن،
آءُ تہ ٻهارون ٻيرو ڪن،
تو ٻن گهاريان ڏينهن ڏکيا.

ڇا تو وٽ مون لئہ نا هي پيار،
جيئن چوين مان تيئين تيار،
هاڻ رسامي ڪي ٻار،
آهيان آءُ نماڻي نار،
هي لنگ ٻہ تو لئہ تا ترسن،
آءُ تہ ٻهارون ٻيرو ڪن؛
تو ٻن گهاريان ڏينهن ڏکيا.

نہ ڪر پڇتاءُ ـ منھنجا ڀاءُ،
موٽي آءُ،
جنگ اڃان پيي جاري آ.

ڌرتيءَ ڏڱ چڙھيا ـ موتي لال مٽيا.
ڪونجن جو ڪُرلاءُ،
منھن جا ڀاءُ،
جنگ اڃان پيي جاري آ.

سرتا سڏ سٽي ـ موٽي اڄ ڪٽي،
وريو آھي واءُ،
منھن جا ڀاءُ،
جنگ اڃان پيي جاري آ.

آ ڀني اڄ رات ـ وائي سڀ جي وات،
ڪريو اڪلاءُ،
منھن جا ڀاءُ،
جنگ اڃان پيي جاري آ.

ڌرتي دا ن گھري ـ سوڍ ن سڏ ڪري:
ٻجھي تو پڙلاءُ،
منھن جا ڀاءُ،
جنگ اڃان پيي جاري آ.

ونو سڀ وير ـ لنگھي گھٽ گھير،
ڪونھي پرچاءُ،
منھن جا ڀاءُ.
جنگ اڃان پيي جاري

نيڻ ڏين ويڻ،
لا تہ ڏاڍا ڏينھن پرين

آءُ اڱڻ مھڪاءِ مڪڙا،
توکي ڏني ويندا ڏکڙا،
مل تہ پرين تيندا سکڙا،
سک مان ساريم سيڻ
نيڻ ڏين ويڻ،
لا تہ ڪيڏا ڏينھن پرين

ساجن تنھن جون سارون،
تن من جون ير تو ڏي ميارون،
تو ڏانھن مکم ڪيئي تارون،
نند وساري منھن جي نيڻ،
نيڻ ڏين ويڻ،
لاتہ ڪيڏا ڏينھن پرين

تنھن جي وئي ويرا ڳي من آ،
باھہ ٻٽيو ھي سارو تن آ،
ڪيڏو ڏکيو ھر ھڪ کن آ،
ڪين وٽي مون ياءُ ۽ ييڻ،
نين ڏين ويڻ،

وس وس او مينهڙا
دلڙي منهنجي کس
او مينهنڙا
لائڻ ڪيڏا ڏينهنڙا
او مينهنڙا
هاڻ پلي تون وس

ڪري ايڏيون اوڙڪون،
پل تل ترايون پوڙ تون،
گاهہ ڦٽن ڪي گس
نڪري پون ڪي نينهنڙا
او مينهنڙا
هاڻ پلي تون وس

آهہ پرين اڄ منهنجي گهر،
وس وسي اڄ پوڙ پنا ڪر،
وسڻ ڪنان نہ ڪر بس،
سرها ٿين سڀ ڏينهنڙا!
او مينهنڙا
هاڻ پلي تون وس

ريڌو اڄ جو آهہ رنو
پوءِ بہ مڃي نا من منو،
لاءِ اچي تنهن گس
او مينهنڙا!
هاڻ پلي تون وس،
او مينهڙا !
لائڻ ڪيڏا ڏينهنڙا.

نيڻ ڏين ويڻ
لاتئي ڏاڍا ڏينهن پرين!

آءُ اڱڻ مهڪاءِ مُڪڙا،
توکي ڏئي ويندا ڏڪڙا،
مل تہ پرين ٿيندا سکڙا،
سک مان ساريم سيڻ
نيڻ ڏين ويڻ،
لاتئي ڏاڍا ڏينهن پرين!

ساجن تنهنجون ساروڻ،
تن من کي تولئہ ڪاروڻ،
توڏانهن مکُم ڪيئي تاروڻ،
ننڊ وساڙي منهنجي نيڻ.
نيڻ ڏين ويڻ،
لاتئي ڏاڍا ڏينهن پرين!

تنهنجي وئي ويڙاڳي من آ،
باھ ٿيوهي ساروَتن آ،
ڪيڏو ڏکيو هر هڪ ڪَن آ،
ڪَين وٺي مُون ياءُ ۽ ڀيڻ
نيڻ ڏين ويڻ،
لاتئي ڏاڍا ڏينهن پرين!

# چوءُستا

ڪائي ڳالهہ چوانءِ ، تورو ٻڌ تہ سهي
چا ڪالهہ ٿيو هي، هوندءِ سڌ تہ سهي
آ شهر سڄو خاموش بڻيو ڇا ڪئون ؟
ڪجهہ تون بہ سل . ڪا ٻڌ سڌ تہ سهي

تنهنجي پارسائيءَ ڪان مان واقف آهيان،
ٻئي تي آ ڱر تو ڪڻين ، ڪجهہ ڏيان تہ ڏر.
ڱلا خوري ڪنهنجي بہ ڪجي چڱي نا هي،
ڪو عيب نہ توکي ڳڻائي خيال تہ ڪر.

ڪوئي فرشتو نا هہ يل تہ اديب ئي هجي،
چار ڪتاب لکڻ ، شرافت جو تمغو نا هہ
ڪري ڏوهہ ثواب تو هرڪو پنهنجي لاءَ،
عابد جي نشاني تہ ڪوئي نغمو نا هہ

ساڳيو مان ساجن ، ساڳيا منهنجا حال،
ساڳيو آهي جڳ سارو ،ساڳيو جڳ جنجال.
قرب تہ رهيو نا هہ ،ڪنهنجي دل ۾ يارو!
هر ڪو تڪي پيسو ،ڪنهن ٻئي جو مال.

ماڻ نہ هارايان ، ڪيئن ڪٽين ها راند تون،
ماڻ نہ ڇاڻيان ، ڪيئن پرين ها پاند تون
راند ڪيڏڻ ، پير ڇاڻڻ جو مزو ماڻيو پنهي،
جي نہ جيتين ، ڪيئن ڪرين ها ياد تون.

روح جون ويرانيون ، رات توڙي ڏينهن ۾،
برهہ جون برساتيون ، منہ ڏسڻ سي ڪينڪي.
تا پرن ڪوراً اندرّ ، ٻاڦ ٻاهر ڏسي ڪو نہ ڪوَ،
درد جون درمانيون، توڪان ٿين سي ڪينڪي.

پريت ڀاڙڻ ، توڪي سنيارڻ ، وصل وارڻ،
توڏي نهارڻ ، نيڻ ٺارڻ ، منهنجو ڪم آ.
تون لنگهين ، ڏسندي ورين ، ويندو رهين،
منٿون ڪرڻ ، توکي سڏڻ ، منهنجو ڪم آ.

سرت وارن جا سلامي رات ڏينهن،
عشق وارن سان انجامي رات ڏينهن.
ماٺ مڙهيل چپ سبيل، دل درد پربل،
محب سان ميلا مدامي رات ڏينهن.

# هائكا

ڪنهن ڪي ٿي ڳولين ،
ڪيڏو آهي ذينهن تتل ،
جواني جوڻي رولين.

آڳر سـو نا سپرين ،
ڪالهانڪر نو ڪانگ لنوين ،
جيئين شال ورين.

سج نہ سنيران سور سوا،
سک نہ منهنجا ساٿي ڙي ،
ڏک نہ ڪڏهين ڏور ٿيا.

واري مون واري ،
سنڌڙي تو تان جندڙي ،
پنهنجي هيءَ ساري.

تون ڪرين انياءُ ،
مان نہ سنيران سنڌڙي ،
تنهنجو رک رکاءُ

چـــڙيو آهي ڏڻ،
لوڙهہ هيٺ ۾ آهہ ڏنار،
هن جي اک ۾ ڏڻ.

ڪيڏي تڏڙي چانءَ،
ڇهڙي نم جي هاڙهہ ۾،
وڻانَ تنهنجو چوناءُ.

تنهنجي پڌم ڳالهہ،
ڪيڏو ساهہ سڌير ٿيو،
آيو ريبارو ڪالهہ

هرلو لوٽي مالهہ،
پاٽي نپسر مان اڙهو،
آوانڊو پڳو ڪالهہ

تو لئہ منهنجا انگ
لرزن، ڪچن ڪينڪي،
هوا ۾ ڪٽڪ جا سنگ.

رهڙ، وهي ٿو رت،
آئي ڦير متي مونکي،
ساٿو سنڌن ست.

راهه تنهنجي ڪٿان ٿي ڦٽي،
ڪيترو ڳهندو ٿو رهي انسان.
ڪيئن چوان منزل ڪٿي ٿي ڪٽي.

ايڏي اونچي دانهن،
وڻ وڏي ٿاري ڪري،
جڻ ته ڪپي ڪا ٻانهن.

چٽن سرنهن جو ساڳ،
واهه منهنجي ٻا پڙي،
ڪيڏو تنهنجو ڀاڳ

ڊبن مڇي ڪي ٻارڙا،
پريان نينگرين قطار آ،
متي پليءَ ڪارڙا.

سيارو ڪيڏو سيءُ
سياندو نڪري ئي نہ تو،
پرين! ا وڏ و تيءُ.

لُري پئي لڳي،
اوڙڪون مينهن بہ وسي،
جيءُ توريءَ نہ تڳي.

چهرو چنڊ چانڊاڻ،
نڪري تنهنجي جسم مان،
ڪيڏي پئي سرهاڻ.

من جي توڏي تاڻ.
موهيو تنهنجي ماڻي پرين،
چاهي رهي تو ساڻ.

پڇ نہ اسان جو حال،
سنڌ وسڪي واري اڏامي،
ٻڪيا ماڻهو سپ مال.

ڏينهن ڪيڏي ڏک،
لڳئي مان انسان جي،
ڪانڌ لهي ڪا لڪ.

راڳي! راڻو ڳاءِ،
ماڻا مومل جي ڪيا،
سازن منجهه سماءِ.

سسئي تي سڻاءِ
هاڙهي ڪيڏا ڏاڪڙا،
من سان ٻين وڃاءِ.

مارئيءَ من ارهو،
پون مينهن ملير تي،
ڏسي ملڪ سرهو.

صورت ڪيڏا سانگ،
ٻيجل ٻولي هيڪڙي،
آئي اڌ سر ٻانگ

پاڻي پوڙان پوڙ،
ٻني ڪانءُ ڳُنن سهڻي،
گهـڙي پهتي توڙ.

ليلان پئي ليلائي،
راڻو رِنو راڄ ڏٺي،
ڪا آهي جا سمجهائي.

موڪيءَ وڏي مونجهه،
متارا موتي شال اچن،
آئي دير سمونجهه.

پسيس جيئن سمڪ،
روئي واجهائي وانڙيون،
اُگهي، هاريل لُڙڪ.

ولهي ڪنهن واڳي،
کهڙي ڏِکَ ڏئي پئي،
ڪير چوندو ساڳي.

ڪيئن چوان ڪيڏانهن،
نظر جنهن پاسي وڃي،
سامهون پرين تيڏانهن.

ننڊ منجهان جاڳي،
سمجهيم آيل آن پرين!
آئي خوشبوءِ ساڳي.

ايئن نہ ڪجل پاءِ،
اک تنهنجي ايئن ڪهي،
سوچي سرخي لاءِ.

ڪانگ لنوين صبح ساڻ،
اک ڪلي، مون پيا نئيو،
اڄ ايندا پرين پاڻ.

ڳيري جي ڳٽڪار،
ڏينهن تتل چپ چپات،
آئي تنهنجي سار.

ڪنهن پهر جي پارتي
ڳالهيون ڪري ٺاريون هنيون،
من مندا ٺٺي پار تي.

ڪيڏو ڏينهن ٺٺو،
ڪانوجي نڪري پٺي اک.
ڇپ ٻاهر سهڪي ڪٺو.

هٺ هٺ هي انسان،
پيٽ جي خاطر پيو ڳهي،
ڳالهہ ڳالهہ تي حيران.

ڪين وسي تو مينهن،
ڌرتي ٺامي ڌڪ، ڌٺي تي،
آهہ ٺٺل ڪيٺن ڏينهن.

پکيءَ ناهي پر،
سنڌو سڪي سال ٺيا،
ڪارو تي ويو جر.

# ڏيڍ سِٺا

پيو جوڙ نہ پائيند س،
تو ساڻ پرين مان، پڪ توڙ نبا هيندس.

رهہ رات تہ رانئيان،
ڳالهيون ڪري توسان، سيني ساڻ لڳا ئيان

تو ڪان نہ پڳو پيارا،
مان پاڻ ئي آيس، واعدو ڳيو تو پيارا!

ڪي ڏينهن تيا ملندي،
ڪامي وئي دلڙي، ڏينهن تيا سڪندي.

رهہ رات پرين هتڙي،
توکي نہ وڃڻ ڏيندس، ٻانهن ۾ ڇڏيانءَ جڪڙي.

سک چين نہ آِتو بن،
ساري ٽي دلڙي رِڙي، دن رينِ نہ آتو بنِ

تونِ آءُ اچيَ پرِچاءِ
جهِل ڪِين ڏين اِڪيون، تونِ پاڻِ اچي پرِياءِ

ڪو وقت هيو تو ساِ ن،
ڳل لڳي ڳرِهيم، سوِ، سور سليم تو سانِ .

اچ پار ڪٽي تون هاڻ،
سڪندي ساِلِ ٽيا، شال جواٽي ماڻ

# نظم

- سڀ سور سنيارون
- من اڪنڊ
- توسان منهنجو ناتو ساڃن
- مون لکيو نا هي اجان

# سک سور سنڀارون

آءُ اوهان جي سار اسانجو، آهه سڪايو ساهه،
ڪيئي آهن ويڙهي منهنجي دل جو توسان چاهه.

آءٌ سڪايل سياري تو ڪسي، نيڻين وهايان نير،
ڀانيان ساڄن ياد اوهان جي دل ۾ پنهنجي تير.

سيارو آيو سيءَ سنڀارون، آ مِن متو مانڊا ڻ،
خالي پنهنجو پاسو ڏسندي، جهريو پنهنجو پاڻ.

هيل ته پارو پارو نا هي، ڇڻ چڙهي ويو سوداءُ،
رانديون روندڙيون وسري ويڙيون، مونسان تيو انياءُ.

سيارو گذ ريو پن ڇڻي ويا، موريا سي بادام،
گوءِنچ ڦٽا ڦٽ ڦاٽي پيا، سک ساري ويا آرام

سڄ ٽپي ٿو تاءُ ڪري، تنهنجي توءَ نس ٽپائي ٿي ڪيڏو
ٿسو مسن ڪانسيو ٿئسي، هسر وا ئسي دل ورنسائي ٿسي

راتَ بهاري ا يپ سبساڀو، تارا تنسر وءِر چنچل چنبَ،
راهه تڪبندي تنهنجي ساجنِ، گڙبسو ذهن ۾ گهنبَ،

جاڻ تتا سب ڏينهن پيارا، ٿو بانوڻ مستوءَن مست اچي
جيءُ جهڙي رم جسم ٻرسي، هانءُ هڄي جي مور نچي

پن چڻ جي آ منبد وري؛ جڻ وربو وڇوڙي واءُ،
ساري تنهنجون سارون سياڄن، ساهه چڙهيو سوداءُ.

# مُن اُڪنڊ

ٻرجن گجگوڙ ڪارا،
ڇم ڇم برکا مَن تڙپائي.
ياد پيون سي گهاريل گهڙيون،
ساجن آيا سونهن سمائي

روح وِٻو سِر راڳ ريجهي،
ٻول ٻرن پيا هر هڪ پل ۾.
مُن آڪانڊو ڪيئن مُڙي تو،
ڪيئن پليان مان ناهي جهل ۾.

چِٽ چِٽ جيئن چنڊون وهن،
ڳل تان ڳوڙهن جون لارون.
سيءُ سياڻو لونءِ ڪانڊاري،
تيئن ٻڌن سي ساجن سارون.

ڪالهه ڪنياتي ٻولي جهوريو،
جيءُ مُنتو هو اڳ ئي ماندو.
ڪيڏي مُن کي يار اُڪنڊ آ،
ويتر نيا پو ڪنياتي آندو.

روح رڙيو يا بادل گرجيا،
ڦڙ ڦڙ برکنا اکڙيون آتيون،
ويل اُهائي اِجهو تہ اُ جهاڻي،
ساهہ پيو پر پائي جهاتيون.

ائين آس نراس ۾ بدلي آهي،
جئين رات وهاڻي باک ڦٽي آ،
چو تون نہ آئين منهنجي ويڙهي،
کيئن ساجن ساري آس کٽي آ.

# نظم

تو سان منهنجو ناتو ساڃن، تو سان منهنجو نينهن،
تو بن پانيان سال سمورا، جيڪو گذري مون ڏينهن.

ڪيئن چوان مان تو بن ناهي، منهنجو دم قدم،
تو لئه ساهه سيڏائي سرتا، تو ڪي ساري ماهه ۾ چم.

ڳا لهيون تنهنجون ڳايان وينى، ويڙهي ويڙهي واڪ،
تنهنجي سونهن سوا ۽ ساڃهه ڪنهنجي ناهي هاڪ.

راهون روز نهاريان روئي، نيڻ تڪا ڳل ڳاڙها ٿيا،
هيل نه آئين سهمون سهندي، ڪيئي سيارا هاڙها ويا.

پول پرن تا ڪن لنون تا، هر هرچرڪ پري اٿان پئي،
جهاتيون پايان در ڪولي، ڳوليان توکي آءُ ڪٿان پئي.

تنهنجي وات نهاري ساڃن، نيڻ تڪا ننڊ غائب ٿي،
تنهنجي اچڻ لئه پاڏايم، آڻ خدا توبهه تائب ٿي.

منهنجي من ۾ مانڊ متي، تو جو ٿيريو مون ڪان مونهن،
ڪيئن لڳي ڪم ڪار ۾ دل، مون ڪي تنهنجو سنهن.

# نظم

مون لکيو نه آهي اجهان،
جو لکڻ چاهيم پئي
گيت ونءَ گونجار جي،
ڳالهه جو ڳايم پئي

هي غزل جا بند آهن،
يا پيون گهنگھرن اکيون،
تنهنجو چهرو آ چٽو
جنهن لئه سڀڪو سورن پيون

ڪيئن چوان ٽا ڪيئن ڇڙن،
بيت وائيون گيت هي
ٿا جڙي جن مان ٽڙن،
منهنجا مٽرا ميت هي

رات جو ڪيئي رهاڻيون،
ايئين ننڊ ۾ ٿينديون رهيون.
ڪين هڪڙيون ٿي ڪٿيون،
ور ور پيون ايندون رهيون.

جيئن ڪلي ٿي اڪ جڏهن،
تيئن وڏي ٿي تات سا،
پئي ڦري ياد سائيَ هن ۾،
ٿي بات پئي منجهه رات جا.

ڪو به نه آچي، ڪو به نه آچي،
مون ڪي پنهنجا سونا پل.
آئون نه هاريان نيڻن مان،
جيڪر سرتي ارتا ايڏا جل.

ڪنهن نه آچيا، ڪنهن نه آچيا،
مون ڪي پنهنجا سونا ڳل،
هرڪيو موهي ماڻءُ هنيلو،
تنهن تي سرتي کهڙي جهل.

ڪنهن نه ونديو، ڪنهن نه ونديو،
مون سان پنهنجو پيار سکي،
سانجهيءَ کان ٿو ساهه هي ساري
،مون ڪوئي ته هيو پيار سکي،

ڪنهن ته ڏني آ، ڪنهن ته ڏني آ،
ڏوران ئي مون نيند سکي،
ڪو وقت ٿيو آ ڪن پوي ٿي،
پاجهارل جي سيند سبکي،

ڪنهن نه پليو، ها ڪنهن نه پليو،
نيٺ ته اڙيو هي ڪين مڙيو،
هاڻ رهي ٿو هن لاءِ ماندو،
جنهن سان منهن جو جيءُ جڙيو،

آئون ڳهيلي ڳالهيون ڳرهي،
هرڪائي ويو منهنجو من،
جان جلي ٿي ساهه سڙي ٿو،
پيو پنيت، پنيت پاسي تن،

ڪيئن ڪريان ڪنهن در دانهيان،
داد نه ڪو فرياد ٻڌي ٿو،
ڪيئن ڪريان جو ريجهي راٺل،
سرتيون ڪجهه پي ڪين سجهي ٿو،

# آزاد نظم

- شهر ڪراچي
- يار مونکي ياد ڪندا
- مندائتي سار
- سوچن جي سگهه
- نظم
- اعتماد
- زندگيءَ خاطر
- سجايو وقت
- وقت نہ وڃاءِ
- تون جياپو منهنجو
- ڪو تہ دروازو کلي
- ويچا
- ڪراچيءَ جي اداس شام
- خالي ذهن
- وقت جو وراڪو
- نظم
- اٿاٿ
- نئون سال
- نظم
- خواهشون
- مري ٿين نہ مات
- حال جو اونو
- نئين تاريخ لکو
- مان موٽي ايندس
- سپنڌ
- آس
- اجهل اڪيون
- وصيت
- مون ۾ تون
- حڪايت
- نظم
- ماڻ او سرتي!
- عظمت
- ايلاز
- نظم
- اٽل اصول
- نئون پڌر نامو
- امن خاطر
- ڪنهن در داهيون
- آزادي
- سڏ
- زندگيءَ جو هڪڙو پل
- تنهن جي تصوير
- مرڻ چمڻ
- نفرتن جي موسم
- چم ۽ موت
- بي وسائپ
- طارق اشرف جي نانءُ
- اي امان!

# نظم

هن شهر جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي،
هي شهر تہ روشنين جو شهر آ،
هي شهر تہ ماڻهن جو بحر آ،
هي شهر اميرن لاءِ بہ آ،
هي شهر غريبن لاءِ بہ آ،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي،
هت دونهون ساھ ٻوساٽي ٿو،
۽ ماڻهن سر گهوماٽي ٿو،
هت جلادن ڪي چيڪ چڏي،
۽ ساڏن جا سپ ساھ گهٽي،
ويو عدل هتان بس يار لڏي.
هن شهر جو ڪاڏو پيتو سپ،
هن شهر تي قبضو ڏارين جو،
سپ ڏيهي اوپرا ٿا ياسن،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي.
هت ڳاڏيون ماڻهن ڪان وڌ آهن،
۽ رستا روڊ بہ سوڙها ٿي ويا،
هت ميڊيا موجن ۾ آهي،
۽ ماڻهون ڪيڏا گهوڙا ٿي ويا،
هت ٻارن مکڙا مرجهايل
۽ جوان تہ پوڙها ٿا ياسن،
هت ماڻهون سستو ٿيندو ويو،
۽ روز مرھ جي جياپي لئہ،
هر شيءِ مهانگي ٿيندي وئي،
ڪي ماڻهون موجون ماڻن ٿا،

۽ ڪنهن کي بہ نہ ليکي آڻن ٿا ،
کي ماڻهون سوچي سوچن ٿا ،
ڪيئن پوري گهر جي يار ڪندا ،
هت گهرجون وڌندي وڻ ٿي ويون ،
۽ ڪيئي سوچون جهڻ ٿي ويون ،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي.
هت جسم جا سودا يار ٿين ،
۽ شهر ۾ شودا چيڪ گهمن ،
هت مُسرڪون ملهہ مهانگيون آهن ،
۽ سِسڪيون سڏڪا روز پڇهن ،
هت ڪن ٻڌن ۽ اکيون بہ ڏسن ،
پر ماڻهون ڪين ڪچن ٿا چپ رهن ،
هت هر ڪو پنهنجي ۾ پورو آهي ،
پر هر ڪو پوءِ بہ اڌورو آهي.
هن شهر جا جيڪي حاڪم آهن ،
ماڻهن جا سڀ قاتل آهن ،
۽ سڀ مسونجهارن ۾ قاتل آهن.
جيڪو جنڊ چڏائڻ چاهي ،
ٿو جيون ڳاهہ بہ سوئي ڳاهي ،
هت ڪنهن لاءِ ڪجهہ نہ چئي سگهجي.
هت ڪيئي ذهن ٻيي آهن ،
جي ٺاهہ ٺڳيءَ جا ويٺا ٺاهن ،
هڪڙا لاهن ٻيا ٿا چاڙهن،
هت هر ڪو سير سوا آهي ،
۽ پاڻ کي گهٽ نا ڪوئي ڀائين.
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي.

# يار مونکي ياد ڪندا

مونکان پوءِ منهنجا يار،
مونکي ياد ضرور ڪندا.
ڪوئي ڪرو شخص سڏيندو،
ڪوئي ڪوڙو ڪاٺو،
سياست ۾ انڌو ڪاٺو،
يا ڪو ڊيوٽيءَ جو گهاٽو،
يا ڪو ساھ سيباٽو ماڻهو،
مونکي ڪهڙا لقب ڏئي،
سڀ پنهنجي ليکي،
مونکي منهنجا يارڙا،
ڪن سارن ڪي ساري،
ايئين ياد ڪندا.
يا جڏ يار مڙي گڏ ويهي،
ڪنهن صنف جو ويهي ڇيد ڪندا،
يا ڪنهن تازي نظم رچيل تي،
ڪوئي وھ واھ يار ڪندو،
۽ ان جي خيالن جي گهرائيءَ ۾،
سڀ راز رکيل کولي ڦولهي،

۽ کي تعريفن جملا ڳالها ئي،
هبڪي هبڪي ساهہ پٽيندو،
تہ هر ڪو مونکي ياد ڪندو.
پل مان ڪورو چٽ سهي،
اڄ جي يارن آڏو آهيان
يا ڪن يارن جي خاطر،
آءٌ نسورو پٽ سهي،
ٿو هرڪو پنهنجي سمجهہ پڏا ئي
ڪوئي ڪنهنکي ڪيڏو چاهي،
مون پيي ڪن کي چاهيو هوندو،
سينو نہ ڪنهن سان ساهيو هوندو،
پاڇو ڪن لئہ سايو هوندس،
ڪيڏي آ خوشفهمي مونکي،
هر ڪنهن لاءِ اکيرا ندر ۾،
مان ٿو پانيان يار بہ مونکي،
مونُ هوندي يا مونکان پوءِ،
من مندر ۾ هيڪل هوندي،
يا ڪڏ ميڙن ميلن ۾،
مونکي ياد ضرور ڪندا.

# منداڻي سار

آءُ تو لاءِ ڪيترو روئان رڙان،
واجهون وجهان واجهائيان،
تون ويو آن عيد جو چنڊ چنڊ تي،
آءُ هيڪر اي پرين ڏرتيءَ جو سوڳند تي،
ڪين ٿي گذري سوا تنهنجي رات،
ءِ وري جيءُ جلائي پئي برسات،
تون هجين جيڪر هتي،
آءُ توکي ايئن ٻکي،
قرب وهه واهه جا وندي،
رات کي گهاري چڏيان،
تو مٿان، جان پيي واري چڏيان،
ساهه منهنجو پل ڪٿي هڪڙو هجي،
تو سوا ان ساهه کي ڪاڏي ڪجي.

# سوچن جي سگهه

اي منهنجا دوست،
اڃان نہ منزل اوڏي تي،
اڃان تہ پنڌ پيو ڪٿو ناهي،
اڃان تہ مان پيو ٿڪو ناهيان
اڃان تہ منهنجي نس نس ۾،
گرم گرم رت جو وهڪرو،
جسم جي ڳِڳاٽيل عضون اندر،
برفن هيٺان وهندڙ رت جيان،
آهي روان دوان
اي منهنجا دوست!
اڃان تہ ذهن پيو منهنجو،
سوچن جي ساگر جي ڇولين جي ڏولين ۾،
هر روز ٿو جُهولي جُهلي،
هر روز سوچون ٿيون سِــرجن نيون،
هير جي هر جهوٽي سان گڏ،
ٿيون وڃن وکري پري پري توڙي،
۽ ڪري معطر فضا ساري،
سمائجي ساهہ سان سيني اندر دل ۾،

ٿُلهي ساري امنگن کي اٿارڻ ٿيون،
مٿي ڪيئي دلين کي جيارڻ ٿيون،
اجان تائين اهي سوچون،
سِلهاڙيل يار آهن سڀ سچائين سان،
ڪچاين سان نہ ناتو تن لڳايو آ،
اي منهنجا دوست!
انهن سوچن سچاين جي،
سهاري مان بہ جيئرو هان،
۽ سوچون ٿيون وڃن جيڏانهن،
انهن جي ڪڌ پيرن تي،
رکي مان پير پنهنجا پيِ،
اجان پنڌ ۾ پيو آهيان،
۽ توکي ٿو ڏيان پڪ مان،
اجان مان پيِ ٿڪو ناهيان ،

---

(موهن ڪلپنا جي ڪهاڻيءَ جو عنوان)

# نظم

سرنهن جي ڦولار جو آهي هڳاءُ،
آهہ راڻي بود ۾ ماڪيءَ سندي،
مست ا ٿ تا ڪيترا ڦرندا وتن،
ولهہ واڻن تي وسي ٿي رات ڏينهن،
هيل پارو تہ پارو نہ آ،
ويران سڀ رستا بڻيا،
۽ پري تائين نہ آ ڪو واٽهڙو،
هو چنن مان لاٿ دونهين جي ڏسو،
ڪي ڏڪايل ڏيل ڏہرا مچ متي،
هٿ سيڪڻ لاءِ آهن گڏ ٿيا.
سيءَ ۾ ماڻهو ڳڱاٽيا ٿا وتن،
سج ايرڻ ساڻ پارو آ لٿو،
سيءَ کان هر ڪوئي لڪند و ٿو وتي،
ڪيترا ئي مڻ ڪٽي گرميءَ سندا،
ماڻهو وتي ڪلندو ۽ ٽلندو ا س ۾،
پر سوا تولو بہ سرديءَ سندو،
ڪو ڪٽي سگهندو نہ آ،
چو تہ هن جي جسم ۾،
وهڪرو رت جو بہ گرميءَ پد ڪان،
هيٺ ڪرندي ئي ڏڪائي ٿو بدن،
ڏند ڪڙڪڻ ڪان سوا بيهن نہ ٿا،
ڪوسڙو ڪو چانهہ چسڪو،
جيئن وڃي ٿو پيٽ ۾،
ساهہ تان ٿي مونجهہ هيڪر لهي،
۽ اچي ساچاهہ ساري جسم ۾.

# اعتماد

مونکي آهي پڪ پرين!
جي هيڪر مونکان وسري وئين،
منهنجي ذهن ۾ لفظن جو ذخيرو،
هڪ جهٽڪي ساڻ ويندو ختم ٿي.
چوڌاري طرف خاموشي ڇانئجي ويندي،
اوندهه انڌوڪار ۾،
هر شيءِ نظرن کان اوجهل ٿي ويندي،
۽ مونکي آهي پڪ پرين!
مان پنهنجو پاڻ کان،
ازل کان ابد تائين ڀلجي ويندس.
مونکي آهي پڪ پرين!
ته تنهنجو نانءُ ئي آهي،
جو منهنجي ساهه جي نازڪ سڳي کي،
مظبوط کان مظبوط ڪيو بيٺو آ.
۽ مونکي آهي پڪ پرين!
ته مونکان تنهنجو نانءُ جي وسري ويو،
ته دنيا جي هر شيءِ ياد نه رهندي مونکي،
ڏينهن نه ٿيندو ڪڏهن،
هي چنڊ ۽ تارا سيئي،
ڪائنات جي منظر تان،
مون لاءِ سڀ غائب ٿي ويندا.
باقي ڪجهه به نه رهندو،
سڀ ڪجهه تنهنجي نانءَ سان،
مون لاءِ آهه سلهاڙيل سائين.

# زندگيءَ خاطر

سج جي چوڏار ڦيرا چنڊ جا،
ٿي رات ڪُٽي ۽ ڏينهن ڦُٽي،
۽ زندگي روشن رهي
اڄ ا جهائڻ ڪارڻ اچو،
ٿو پڪ پاڻيءَ ڏي وڃي،
چنڊ ڏانهن اينڊي اناج،
ٿو اٿو ٻڻجي پوي،
۽ ٻڪ ٻجهائي ٿو ٻکيو.
پر وقت ڪڏهين،
يار اهڙو پي اچي ٿو،
جو سج ڦري ٿو چنڊ ڪي،
۽ تاڙ ۾ پاڻي رهي ماڻهوءَ سندو،
چنڊ واجهائي ڪڏ هن،
ڪٽ مٽي داڻو وڃي.
وقت وقت جي ڳالهه آ
۽ ضرورت هر ڪنهين ڪي تي نچائي،
تي رچائي راند اهڙي،
هار جنهن ۾ ناهه ڪنهنجي،
جيت جي پڪ ناهه ڪنهنکي،
بس سيئي اکيون ٻڏل ڪنهن ڏاند جيان،
نار م ڦرندا رهن تا،
زندگيءَ جي نانءَ خاطر،
سج جي چوڏار ڦيرا چنڊ جا.

# سجايو وقت

هن ڇپر جي ڇانءَ ۾ ،
ڪي گهڙيون سا هي تہ پٽ ،
ڏس تہ ڪيڏو ڏينهن آهي تتل ،
هن ڇپر جي ڇانءَ ۾.
جو بہ آ ميڙو مٽل ،
تَنهن ۾ تُنهنجي سڪ سندو ،
جي مُداوا ٿي پوي ،
تنهنجي قسمت ۾ اچي ڦيرو وڃي ،
تهنجي من ۾ اڏيل ،
جي ڏکن ڍيرو پڃي ،
سڪ ٻِندو جهو ٿو ڇهي تنهنجو بدن ،
پڪ چاڻج تو نہ ڪاريو وقت آ.

# تون جياپو منهنجو

تون آهين
هتي ڪٿي آهين،
توکي منهنجون هي خاڪي اکيون،
جيڪڏهن ڏسڻ کان قاصر آهن،
پوءِ بہ تون آهين،
هتي ڪٿي آهين،
جيستائين منهنجي خيالن جو پرواز آ.
منهنجي ذهن جي هر پردي تي اُڪريل،
تنهنجو ئي تہ نقش آهي.
منهنجي روح جي هر پور ۾،
تنهنجي تصوير سجايل آهي،
منهنجي هر تصور ۾،
تو کان سوا ڪجھ بہ نہ آ.
تون آهين،
هتي ڪٿي آهين،
جڻ تہ ڇِتي ڪِتي آهين.
منهنجي هر ساھ ۾،
تنهنجي ساهن جي سڳنڌ آهي سمايل،
تون تہ هڪڙو بہ پل،
مونکان ڪڏهن ڌار ئي نا هين،

توکي ياد ڪيان ڪيئن ڪيان؟
مون توکي ڪڏهن وساريو ئي نهي.
منهنجو هر دم،
تو سوا بي دم ٿي ٿو وڃي،
تون آ هين،
تہ منهنجي حياتي بہ آهي،
جنهن ڏينهن تنهنجو تصور،
منهنجي ذهن تان ميساربو،
اهو ڏيهن منهنجي،
زندگيءَ جو آخري ڏينهن هوندو.

# ڪو تہ دروازو کلي

ڏينهن آگذري ٿي نہ ٿو،
ڏک اهڙو آهہ جو وسري ٿي نہ ٿو،
سور سيني ۾ ڏئي ٿو ست جڏهن،
ساهہ ٿي گهٽجي وڃي ٿو،
چپ چُرڻ جي لاءِ آتا تا رهن،
لفظ آهن جي مڙي هڪ جاءِ تي،
جڻ تہ جلسي گاهہ ۾ ويا واڙجي،
ڪو بہ دروازو کلي ٿي ڪونہ ٿو،
جو ڪجي اظهار پنهنجي خيال جو،
ڪجهہ چئي ٿئي بوجهہ هلڪو،
سي نعرا گونججي،
ذهن جي پردن سان ٽڪرا ئجي
ويتر ڏکوئيندا رهن ٿا.
جڻ تہ قيدي بند ٿيل،
احتجاجي طور تي ڪجهہ بہ ڪجڻ ڪان،
نابري واري چڪا آهن سيئي.

# ويچا

ڪالهه وڏو شمشان ٻريو هو،
جنهن جي ٻيئا جي خاطر،
ڪوئي مسلمان سڙيو هو.

اِن ڪاڻ پهرين جڏهين،
ڪوئي ٻارڻ ٻرندو هو،
تنهنکي ڪافر مومن جو جهيڙو ڪوئي،
مسجد مندر سڙندا ها،
ماڻهن جا ارمان ٻريا ٿي،
ڪافر ڪي مسلمان سڙيا ٿي،
هِڪ پاڙي ۾ رهندي پي،
هڪبئي جا پائر ٿي نہ سگهيا ها،

ڪنهن تہ ڪـنـي ٿي گئو متا،
ڪنهن ٿي سـوئر مسجد واڙيا،
ڏوهي بي ڏوهي ٻٽيا ها،
۽ بي ڏوهي گنهنگار ٿيا ها،
ڪيئي ڪـتا ها جليانوالا ۾،

پورب پڇم ريتو تيو هو،
۽ اتر ڏکڻ کين بچيو هو،
آخر هندوستان ٽٽو هو.

گهر مان تي جي ڌار پيا سين،
سک نہ کو آرام ڏٺو سين،
چاليهن سالن گذرڻ کان پوءِ پيي،
کين سکيا سين ماضيءَ مان،
ماضي ويئو تو ڀولائي،
ڪن نہ ڏو کو تنهن تي لائي،
ماڻهون مارڻ راند آ جڻ کا،
مذهب جي ويڙهاند آ جڻ کا،
اج پيي ماڻهون پياسا آهن،
هک ٻئي تي ويئا دانهن،
کهڙا آهن کهڙا ناهن،
ڪنهنجي من ۾ چا چا آهي،
کل نہ کائي کنهنکي آهي.

# ڪراچيءَ جي اداس شام

ڪالھ ناظم آباد ۾،
ڪنھنڪي مون ڳوليو پئي،
گھر انھيءَ جي در مٿي،
لڙڪي لـڏي پيو ڪفل،
۽ سڄو پاڙو لڳو پئي پينگ مونکي،
ڪوئي ھـل ناھي ھتي،
ڪنھن ٻار جو آواز ناھ،
اڳ ھتي ڪي ٻارڙا،
راند ڪيڏي ننڊ ڦٽائيندا ھئا،
ڪنھن ٻہ در جي اڳيان،
ڪو نہ مون ويٺل ڏٺو،
۽ نہ ڪو پيرڙاٽ ڪنھن رڪشا ڪيو،
ھونءَ ڪنن تي تاڙيون ،
ويندي يون چڙھي ھيون شور ۾،
دور تائين سڄي ساري گھٽي،
پڙ پانگ پئي پاسي رکو،
ھونءَ ھتي ڪي جوان ٻيڙيون،
ويھي رھا ٽيون ھيون ڪنديون
اوچتو ئي اوچتو،
ششڪار منھنجي ڪن پئي،

۽ ڪُجهيون منهنجون اکيون،
ششڪار جو تعاقب ڪنديون،
مون ڏٺو ڪوئي پديو،
ڪنهن دريءَ مان منهن ڪڍيو،
جنهن اشارا پيو ڪري،
تنهن جو مقصد جنهن هيو:
"پير پنهنجي موڙ پنهنجا،
تون قدم اڳتي نه کڻ،
ڪا ڇتل ڇڙواڳ گولي،
جا نه سمجهي ڪا ٻه ٻولي،
جسم تنهنجي ۾ وڃي پيوست ٿي".
مان گهڙي پل بي خبر،
بس رڳو ڏر گهر جو تڪي،
بي سوچ ۽ خالي اکين سان،
جيوهه لنڌنڌڙ ڪفل ۾ وڃهي،
واپس ورڻ لاءِ پنهنجي تو مڙان،
راهه ايندي ڏهن منهنجو،
جو ٻه سوچن تو گهري،
سوچ سوچن سان سلهاڙي تي اچي،
تو موت جو راڪاس راهن تي نچي،
ڪو ٻه هڪڙو فيصلو،
مونکان نه ٿو ٿير تي سگهي،
هر گهڙيءَ معصوم مڪڙا،

ڌُهن جي پردي مٿان،
تا اڇن ميڙا ڪيو،
۽ وڃن ميسارِيا.
رت رتل چهرا ڪئي،
ڪي ڪچيل لاشا ڳلهن تي،
رت ڳاڙيندڙ جوان،
ڪيهون ڪوڪون ڪنهن ٻڌيون،
ڪن جي پردن کي ڦاڙينديون وڃن،
هر ڪو آهي پيچ پيچان ۾،
ڪو به ڪنهن لاءِ ڪين ٿو پل پي رهي،
جڏهن نه ڪنهن وٽ وقت ناهي،
هر ڪو پيو ڊوڙي ڊڪي،
ڪو وڃي ڪيڏانهن ٿو،
ڪا خبر ڪنهن کي نه آ،
جڏهن نه آ راڪاس ڪوئي،
جو اچي ماڻهن پٺيان ڪاهي پيو،
ڪيترا ٿا ڪرن ڪيئي مرن،
راڪاس راڙو جنهن پي پڌو،
سا هه تنهن جو جڙ سڪو،
ايئن اچي ڦيري وٺي مٿن جي مٿي،
اونده آدي ۽ هوش ويو مونکي ڇڏي؛
پٽ تي ڦهڪو ڪري مان پي ڪريس؛
پوءِ ڇي ڪا ڪل مونکي ڪا نه آ.

# خالي ذهن

اڄ نوٽ بوڪ،
مون ڏانهن نهاري تو پڇي،
"ڇا هي اڄ ڇا تو لکين؟"
مان بہ حيرت مان ڏسي،
هن کي چوان ٿو:
"لفظ منهنجو ساٿڙو،
ڏس، ڪيئن ڇڏيندا ٿا وڃن،
جيئن وڳر ڪان ڪونج ڪا وڇڙي وئي،
۽ موت جھاپوءَ جھپ جيئن،
جنهنکي جھپي پنهنجي چنبن سان".
تو ڏسان خالي پنا،
ائين نيڻ منهنجا اڄ پنا..
ذهن ڄڻ خالي ٿيو آ،
ڪو نہ تو ڪو لفظ اُڪري،
۽ نہ تو ڪو خيال اُپري،
بس قلم هٿ ۾ جھليل،
خشڪ ٿيندو تو وڃي،
نوٽ بوڪ مونڏي نهاري تو اڃان
مان نہ تو هن جي مڃان.

# وقت جو وراڪو

راتين جون رهاڻيون،
رستن تي دير دير تائين رلڻ،
پيله سواريءَ تي ويهڻ،
شادي گهرن ۾ رات لڙئي تائين،
پليٽن جي ڪڙڪڻ جا آواز،
وري پيهر جاڳي پيا آهن،
هي شهر ڪراچي، جنهن ۾ ڪڏهن،
راتين جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ،
چڻ ڪو الف ليلا جي قصن جيان لڳندو هيو،
هر ماڻهو پنهنجي پوياڻ اينداڙ ڪي،
ڪوئي قاتل ئي سمجهندو هيو،
گهرن جي ڪولين ۾ بند هوندي پي،
درن کي تالا لڳل هوندي پي،
گهر جا وڏڙا هر هر،
تالي کي چڪي ڏسندا هئا،
بند هجڻ جي پڪ ڪرڻ خاطر.
هن روشنين جي شهر م،
روشنيون هوندي پي،
ماڻهن جي ذهنن تي اونده چو واسو هيو،
ماڻهن جون ننڊون حرام هيون،

ماڻهو بہ جڻ چمڙا ٿي پيا هئا،
بسترن تي ستل هوندي بہ،
هر هر پاسا بدلائي،
ننڊيا ديويءَ کي سڏي،
صبح جي بانگ کان ٿي پوڻ کان پوءِ،
ننڊ ڏئي اُٿڻ بدران،
گهيرت کائڻ لڳندا هئا،
۽ اڌوري اڻپوري ننڊ مان،
اکيون مهٽي هنڌ کي ڇڏي،
جڻ ڪنهن لاچار ڪيءَ مان،
واش روم ۾ ويندا هئا.
پر ماڻهو او دوست!
هن شهر جا ماڻهون نہ هيو،
پر عزيز آباد جي گهرن ۾ ماڻهون
پر سڪون ننڊ جا مزا ماڻي،
ڪنهن کي دعائون تا ڏين.
۽ ڏين پيارا تا ڪنهن کي،
جن سندن پر سڪون زندگيءَ کي
هيئن ڪيو تاراج هو.

# نظم

اڄ ٻہ ائين ئي اجنبي،
ڳالھہ هئي جئين اجنبي،
چهرا ڄاتل سڃاتل هوندي بي،
گهور هڪڙي مون طرف اڇلي،
ٻرڙتي گهنڊ رڪائون ناهي،
نا وڃن منهن موڙ ڪيو،
ڄڻ تہ ڪو ڪوڙهيو هجان مان،
پل وٺان ڙلندو ۽ رمندو،
هڪ گهٽيءَ جي موڙ کان،
ٻي گهٽيءَ جي موڙ تائين،
ڪنهن نہ ڪيڪاريو مونکي،
هونءَ تہ چهرا سڀ سڃاتل ٿي لڳا؛
جنهن کي مون ڪيڪار ڪئي،
تنهن ڏسي کنگهار ڪئي؛
ڇوڙنا ڪهڙي خبر،
ڪنهن ٻہ مشڪ تي،
مون ڏٺي ڪا نہ ڪائي خوشي
مصر ڪندڙ مسڪڙا ويا ڳاڏي لڏي؛
ڏيهہ ڪنهنجي آسري تي ويا ڇڏي،
آهہ ويڳاڻي اٿين ڌرتي ٻٽي.

# نئون سال

هي در دريون گهر پيتيون،
ساڳيون آهن.
هي گهٽ گهير،
رستا سارا
ماڻهو چيهو ن
وڻ ۽ وانگي
مارو سانگي.
ساڳي چلهہ ۽ ساڳي دانگي،
سڀ ڪجهہ ساڳيا آهن،
هي نند سستل،
اڃان نہ جاڳيا آهن،
پوءِ بہ چوين ٿو:
"سال نئون اڄ آيو آ."
منهنجي خاطر،
سڀ ڪجهہ ساڳيو آهي،
جيئين ڪالهہ هو.
ديس بہ ساڳيو،
ويس بہ ساڳيو،
رات بہ ساڳي
ڏينهن بہ ساڳيو،
منهنجي خاطر.

چا چا آهہ نئون؟
تنهنجي سر تي،
ڪوئي سونو تاج بہ نہ آهي،
تنهنجي مالي حالت،
منهنجي مالي حيثيت کان،
بهتر ٿيڻ بدران،
ويتر بد تر ٿي آهي.
ڪاڏو پيتو،
اٿيو ويٺو،
ڪيڏو مشڪل ٿيو آهي.
پنهنجي اوسي پاسي،
اوڙي پاڙي،
ساڳيا لاٿون،
ساڳيا چڱهہ
ساڳيون دڪ دڪا ٽل راتيون،
ڏينهن بہ ڏنجهہ سان گذرن ٿا،
پوءِ بہ چوين ٿو:
سال نئون اچ آيو آ."
منهنجا ساٿي،
مون لئہ ڪجهہ بي ناهہ نئون،
تو لئہ جو ڪجهہ آهہ نئون،
تنهن لئہ توکي،
آئہ مبارڪ آڇيان ٿو.

# نظم

آءُ پوءِ نرو باغ جو،
واس هر گل جو وٺان،
۽ جي ڪنهن گل جي مٿان،
آءُ موهت ٿي پوان،
جان پنهنجي آءُ وارڻ ٻنا،
ڪين ٿو ڪيبائيان.
جڏهن ڪوئي گل ٿو چني،
هاڻ تو مٽ ۾ اچي،
انگ انگ منهنجو ڪنبي،
آهه ٿي ا پري اچي؛
جا پڙاڏي باغ ساري اندر،
درد وارن کي پٽي دانهون ڏئي.

# خواهشون

سمنڊ جيڪر سڪي خشڪي ٿئي
يا اِن جو پاڻي ٿي پوي ڪم ڪار جو،
ٽم ٽم ٽمڪندڙ تارا سڀئي،
آسمان جي نيري چادر مٿان،
هڪ هڪ ڪري ميڙي سڀئي،
پنهنجي جهوليءَ ۾ ڀري،
محبوب جي پيرن ۾ رکان،
روشني جيڪر هجي اوندهه نه ٿئي،
ڪائي ڪنجهه ۽ ڪيهه نه ڪا ڪن تي پوي،
پيار ڀريا سڀئي سپنا سوين،
ڏسندي ئي ساڀيان ٿي پون،
۽ اڳڻ منهنجي جي پرين هيڪر اچي،
موتي وڃڻ لاءِ سوچڻ پيي چڏي،
۽ رهي مون وٽ پون.
هي سڀئي ممڪن نہ هوندي پيي اسان،
ذهن پنهنجي ۾ ڪئي پيرا ا ئين،
سوچڻ سوا رهندا ئي نہ آهيون.

# حال جو اونو

اي منهنجا ازل!
ابد تائين منهنجو پيڇو ڪندڙ،
مونکي منهنجي حال تي ڇڏ،
مونکي ماضي ياد نہ ڏيار،
۽ مستقبل جي اون کان،
چوڻڪاري جي واٽ بہ ڏس،
جيئن مان بي اونو ٿي،
حال سنوارڻ جي خاطر،
پنهنجون سڀ صلاحيتون،
وقف ڪري سگهان.
اي منهنجا ازل!
ابد ڏانهن موٽڻ کان اڳ ۾،
جي منهنجو حال سنورجي ويو،
تہ وڏا طالع منهنجا ٿيندا.

# اٿاٿ

تون تہ نہ ٿو برسين اي بادل!
اڄ منهنجا نين تہ برسي پيا.
سارو سر تہ سڪي ويڙو،
سڪي ويو اڄ اتر لاڙ،
آهہ وچولي منجھہ رهيو ڇا ؟
سڪر پل جي هيٺان پاٽي،
شاهہ درياهہ جو تاسارو پيٽ،
ٿي واري ساري ان مان اڏري،
هر آئي وئي جو آدر پاءُ ڪري،
سوڪهڙي آساهہ منجهايو،
ماٺهون ڇا سڀ جهنگلي جيوت،
اپ تڪي ٿو آس لڳائي،
پوءِ نہ ٿو تون برسين بادل،
منهنجا نيڻ تہ ترسي برسي پيا هن

# مري ٿين نہ ماتِ

ساٿيا سارجو،
متان وسارجو،
تہ ڪو پنڌ ۾ هئو،
۽ اڌ ۾ مئو.
يا تتي ڏينهن ۾ تڪو،
نہ ڪو ڏينهن ئي ٽڪيو،
نہ ساٿي وريو،
نہ پنڌڙو ڪٽيو،
اجان تہ ڏينهن ۾،
اهو ئي تاءُ آ،
وڏو انياءُ آ،
اجان تہ ديس ۾،
اهو ئي ڏهڪاءُ آ،
ديس جي سور ۾،
موت جي ٻہ ماريا،
سرڙا جنين ها واريا،
اُهان جي ساريا،
تہ پڪ چاڙجو،
تہ آس جا ڏيئا،
اجهو ڪي ٻريا.

۽ ساڻي پي وريا.
۽ جهومندا جوانڙا،
ويڙهه ۾ گهڙيا،
پتنگ جان سڙيا،
ڄنگن جان وڙهيا،
۽ وڙهندا رهيا،
جوش وڌندا رهيا.
منڌ مرڪڻ لڳي،
سنڌ جرڪڻ لڳي.

# نئين تاريخ لکو.

لکو لکو شاعرو اي اديبو لکو،
قوم جي تاريخ لکو.
ڪيئن وڏي جُـهد سان،
آندي جمهوريت آ اسان،
ڪيترا ڪونٽر ڪهايا،
ڪيتريون جانيون وڃايون،
ڪيترا جيئرا جاڳندا،
ڳوڙها مسمار ٿيا،
ڪيئن ونيون،
بي وريتيون ٻٽيون،
پينرن پائر وڃايا،
ٻار مائن کان ڇنا،
ظلم جي ٿي انتها،
ماس ماڻهن جو سڙيو پيئي اس ۾،
لاش بي گور و ڪفن،
پنهنجي وارث آس ۾،
ڪو ٻـ ويجهو ڪونـ ٿي آيو انهن جي،
خوف ا ئين تاري هيو،
راڪاس جا ڏند هيرٿان،
ڪيئن ٿي جهلجي سگهيا،

هن جي آڌو ڪو بہ آيو،
بہ ۽ ڪ هن جو ٿي ويو،
اي اديبو شاعرو!
تاريخ اڄ اهڙي لکو،
سچ جنهن جي پاڙ ۾،
ساک سچ جي رکو،
هيل تائين ڪوڙ جيڪو آ لکيو،
ڏوڙ ان جي منهن مکيو.

# مان موٽي ايندس

ٿون سڏيندين،
آءُ موٽي يار ايندس
مان مري هيڪر ويس جي،
۽ ڪرائي غسل مونکي،
پوءِ پهرائي ڪفن،
لاش منهنجي کي کڻي،
ڪاندي هلن،
۽ بستيءَ لاهي جنازو،
مٽ متيءَ منهنجي مٿان،
پل تہ ساري سڀ وڃهن،
تون ڪڙي کو قرب مون تي،
لاش منهنجي جي مٿان؛
يا قبر تي فاتحا ئي پڙهڻ لاءِ،
تو ڪنيا جي هٿ پنهنجا؛
يا وهايئہ لڙڪ ڪي،
۽ اندر تنهنجي پڪاريو،
ناءُ منهنجو،
مان رهي سگهندس نہ پو،
آهہ مونکي پڪ پرين
آءُ موٽي ايندس ضرور.

## نظم

اڄ به اڻين ٿي اجنبي،
ڪالهه هئي جيئن اجنبي.
چهرا ڄاتل سڃاتل هوندي ٻي،
گهور هڪڙي مون طرف اُڇلي،
نرڙ تي گهنڊ ريکائين نا هي،
تا وڃن منهن مٿي ڦٽيو.
ڇو ته ڪو ڪوڙهيو هجان مان،
يل وتان رُلنو ء رمندو،
هڪ گهٽيءَ جي موڙ کان،
ٻي گهٽيءَ جي موڙ تائين؛
ڪنهن نه ڪيڪاريو مونکي،
هونءَ ته چهرا سڀ سڃاتل ٿي لڳا،
جنهن کي مون ڪيڪار ڪئي،
تنهن ڏسي ڪنگهڪار ڪئي،
ڇو رنا ڪهڙي سبب،
ڪنهن به مُک تي،
مون ڏٺي ڪانه ڪائي خوشي،
مسڪندڙ مُسڪرا ويا ڪاڏي لڏي،
ڏيهه ڪنهن جي آسري ٿي ويا ڇڏي،
آهه ويڳاڻي اڻين ڌرتي ٻٽي؛
ڪانه وڙهين ڪان پٽي اَن تي ڪٽي.

# سينڌ

تنهنجو جمڻ،
هڪ معجزي کان گهٽ تہ نہ آ،
تنهنجو وڌڻ ويجهڻ،
ڦلڻ ڦولڻ،
ڪيئن چوان هڪ ڪرشمو نا هہ ،
جنهن ۾ تنهنجي ماءُ جو رت ست،
پيءُ تنهنجي جي جسد،
خانداني اميدون،
سڀ ملي ٿيو آن جوان،
حسن تنهنجو آهہ نکريو،
ڪيئن نہ ڪو توکي ڏسي،
تو ڏانهن ائين ڇڪجي اچي،
ويتر اوهان جي سوچ جي سرهاڻ آ واسي فضا ،
آءُ چا هڪڙو حقير،
تو ڏانهن جي ڇڪجي پيس ،
تو چنبن چائي ڪنيو،
۽ ڏنو تو پيار اهڙو،
ٿي سڄي ساري ا وهان جي مان ويس.

# آس

ڪير آ هين ڪير آ هين ؟
چو ڪڪر هيٺان پيو گنگنائين ؟
ڪنهن ڪان وڇڙي تون ويو آن ،
ياد ڪنهنجي تي ستا وئي ،
تنهنجو من ڪنهنجي لاءِ آهي اڪنڊ و ،
ڪنهنجون سارون تون سنڀاري ،
هيٺن هنجون هارين پيو ،
دور راهن ڏي نهارين پيو ،
ڏس ادا راهي مسافرا
ڪير آهي ؟
جو ڇڏي توکي ويو آ ،
هيٺن گوند ر ۾ ڳڏي توکي ويو آ ،
هـن ڪٺي نظرون ڏ ٺو
۽ اک اک سان ملائي ،
ڪجھ سليو گوندر ڳڏ ئي ،
"مان تو جنهنکي ڳوليان ،
سو پرين ماٺهو چون ٿا ،
منهنجون هي خاڪي اکيون ،
ڪين تنهنکي ڏسنديون ،
هٿ ڇهي سگهندا نہ تنهنکي ،
۽ نہ ڪو ٻول هن جا ،
ڪن هي سگهندا ٻڌي ،
آس ان سان آ ملڻ جي ،
شل پرين پنهنجو پسان ،
پوءِ خاڪي منهنجو وجود
پل رهي يا نا رهي".

# اجهل اکيون

مان نہ تو روکي سگهان هي نيڻ پنهنجا ،
تنهنجي وئي کان پوءِ سرتي ،
تنهنجي يادن جي انبارن مان ا تي ڪا ؛
ياد منهنجي ذهن جي پردي مٿان ،
جڏهن ڪڪر جي ڇانءَ جيان ،
ديرو دمائي تي چڙهي ،
ڪين تو ڪجهہ ٻيو وٽي ،
بس رکو ئي نان ۽ تنهنجو ،
هر هر اچاري تي زبان ،
وس پنهنجو پاڻ تي هلندو نہ آ ،
پوءِ ڪري مان ٿا ٿڙي ،
ڪنڌ پاسو ڪو وٺي ،
ڪنڌ پنهنجي کي جهڪائي تو ڇڏيان.
۽ نما ٽا نيڻ منهنجا ؛
تا وس منهنجي مان وڃن نڪري پرين!
مان نہ تو روکي سگهان ،
نير جون لاڙون لڙيل ،
۽ ڳچ ڳاري تو وهان.

# وصيت

مقبرو مون تي نہ اڏجو،
منھنجي مرڻ کان پوءِ عزيزو!
بس رکجو ھڪڙو نشان،
منھنجي وڏي ڪا ناھ خواھش
قبر منھنجي جي مٿان،
ھي ننڍو ڪتبو لڳي ڇڏجو تہ بس!
"ھن قبر ۾ جو بہ آھي،
سو "ستر وارو" سدا ٿيڏو ھيو،
زندگي تنھنجي ڏکي کھڙي بہ گذري،
پر ڪڏھن ڪا نہ ڪا،
۽ ادب جو ادنا ھو خادم،
۽ ڪندو ھو ڪارا ڪاغذ
شعر ۽ ونڌا سدا لکندو رھيو،
۽ ڪري ويو وقت پورو".
منھنجي مرڻ کان پوءِ عزيزو
مقبرو مون تي نہ اڏجو.

# مون ۽ تون

نہ مان جيت آهيان ،
نہ ڪا هار پيارا
ڪٿين تون تہ مان ٿو وهسي پوان ،
جي هارا ٿين تہ ڏک ۾ ڏري ٿو پوان ،
ٿئي جيت تنهنجي ،
اها جيت منهنجي تہ آهي ،
تون مون کان جدا ٿيو ئي نہ آهين ،
مان تو کان سوا ،
هڪڙو پل بہ پرين
جدا ٿي جيئڻ جو نہ سوچي سگهان ٿو ،
تون مون ۾ وسين ٿو ،
مان تو ۾ جيئان ٿو ،
مان تنهنجي ڪري ئي تہ دم ٿو کڻان ،
تنهنجي ئي دم سان ٿو زنده رهان ،
مون کي جيت جي ڪا ضرورت نہ آ ،
نہ ئي هار تي ڪو دکي ٿو ٿيان ،
هي سڀ ڪجهہ اوهان جو ،
دل، جان ،گهر گهاٽ منهنجو ڪٿي آ ،
آ سڀ ڪجهہ اوهان جي حوالي پرين

# حڪايت

اي ازل جي پياس منهنجي
زندگيءَ جي رج ۾ جهرڻي سندي،
ڪر نہ ڊوڙي تون تلاش
چو تہ تو لاءِ ڪو بہ جهرڻو،
ڪائنات ۾ نا هي لڪيل.
ايئن ڪٿي هيءَ آس اُڃ جي،
تون ابد ڏانهن راهي ٿي وڃين،
پل ڏسي هي خالقِ ڪائنات،
پنهنجي ثبات.
اي ازل جي پياس منهنجي
روز ڪيئي روح رڙندا ٿو ڏسان،
ايئن سڙندا ٿو ڏسان،
سج جي ڪيڏي تپش آ تن مٿان،
ڪا ڪڪر جي ڇانو نا هي،
۽ نہ تن تي مون ڏٺي ڪا بوند برسي،
ڪا گهٽا پي ڪا نہ ترسي،
ڪيترو تن تي پڪاريو،
۽ اپيون ٻانهون ڪري،
ٿي چيو: " اي خالقِ ڪائنات!

"ڇا اسان لئہ ڪا نجات،
"تو لکي نا هي ڪڏهن،
"ڇو لکي نا هي ڪڏهن؟"
"ڏس هتي جهاتي وجهي،
"ڪيئن نہ آ ڇاتي ڇڳي،
"ڪيئن نہ پئي تڙڦي هتي هيءَ زندگي،
"ڪيئن ڪري سا بندگي،
"تنهن وڃائي شرمندگي
جا نہ پالهي درد ڪان"!
"تون پڏا ئج آسمان!
"آءُ پنهنجي من سندي،
"ڪيئن بجهايان پياس مان؛
"جو ازل ڪان آهہ پياسو،
"پيار جي پالوٽ آ ن تي ڪانہ ٿي،
"ڪو ڇمر ڇل تي پوي؛
"من منهنجو آ ازل ڪان پياسو،
"سو وڃي سيراب ٿي."

# اوهان جي مرضي

اسان کي وساريو ،
نہ ساريو سنڀاريو ،
اسان ڪير آهيون ،
اوهان کي ڇئون ڪيئن ؟
مگر ميت منهنجا ،
اوهان جي اسان سان هئي پريت ڪڏهين ،
اوهان جي سچي يار جيون سفر ۾ ،
سهانيون ڪي راتيون ،
اسان سان ملاقاتون ،
۽ ڪا ريجهہ راحت ،
رسامن جا چسڪا ،
ڪريا جي ٻہ منهنجي اکين مان ها ڳوڙها .
ڏئي ٺهڪ تن کي هو ٺاريو اوهان ئي ،
وساريو ڀلي پر ،
پون ياد جڏهين اوهان کي او پيارا!
اهي ڏينهن سارا ،
نہ سارڻ سوا ڪئن سگهندا رهي ،
هو ساٿوڻ جي ڏينهن تنن ۾ ،
جڏهن ڪانو جي ٿي اک نڪتي ،
تڏهن جنهن ڇپر ڇانءُ ۾ ،
چار پهر ڏينهن جا گهاريا هئا ،
پون ياد اوهان کي پرين ،
نہ وا پس وري نهاري ئي وڃجو ،
اوهان ڀل نہ اسان کي ساريو سنڀاريو ،
اوهان جي آ مرضي او پيارا !

# ماڻا و سرتي

تون مونکي ماڻ ا و سرتي!
جيئن ٿو مان توکي ماڻيان،
پنهنجي تصور ۾ آڻ ا و سرتي!
مون جو ڏيان ڪيو آ توڏي،
تون آن منهنجي اکين ۾ پيئي،
ڪيڏي ڏور ٻه هوندي مونکي،
نظرن کي تون ا وڏي آهين،
مون لئہ تون ساڳي آهين،
ساپيان آهين،
ڪيئن چوان تون مون وٽ نا هين،
ڳالها ئين ٿي ٿهڪ ڏ ئين ٿي،
منهنجي من ۾ رقص ڪرين ٿي،
پنهنجون اکيون بند ڪري مان،
تو کي آئڻ ڏسان ويٺو،
پنهنجي خيالن جي پولارن ۾،
مون کي آ ٽي
تون پي مونکي ماڻ ا و سرتي!
پنهنجي تصور ۾ آ ڻ ا و سرتي!

# تخا تب

اي پيارا تاج بلوچ!
درد جي صحرا ۾ ڀٽڪي،
لفظن جو ماتم ڪندي،
ريگزارِ گل جي خوشبوءِ جو زهر،
ساهه سان پنهنجي اندر ۾ اوتي،
ڪيستائين مست الست ٿي،
ايئن رلندو ٿي رهندين؟
برق رفتار ٿي ويو آ وقت اڄ،
انتظارِ آدمي هن ڪي نه آ،
هو نه تو بيهي ڪنهين لئه،
ڪيترا آيا ويا ويندا رهيا،
ڪک پن ٽيندا رهيا.
زندگي چوڙڻ ۽ ماڻڻ جو رڳو نالو نه آ،
زندگي ڪائڻ پيئڻ چالو نه آ.
زندگي آ جـهد ڪنهن ڳالهه لئه،
زندگي ساهن جو اچ وڃ،
روزگار جي گهاڻي ۾ پيڙبو رهڻ،
شهر جي ور وڪڙ رستن ۾ گم ٿي وڃڻ،
ڪنهن حسين ڇوڪريءَ جي،
ڇاتين ۾ منهن کي لڪائي،
زندگيءَ جي ڏوجهرن کان جهٽ پلڪ پاسي رهڻ،

ٿـهڪندو ۽ ڇهڪندو رهڻ نا هي رڳو زندگي.
يا ڪڏهن چاشني ڪنهن جي چپن جي چـوسي وٺڻ،
۽ اکين ۾ وجهي اکيون،
ڏينهن ا ڀرئي ڪان لڙئي تائين،
بنان سوچڻ سمجهڻ جي ا ئين ويٺو رهڻ،
حسن ڪنهنجي جي ڪندي واڪاڻ گذري پل تہ ڏينهن،
۽ وساري ڏک ڏريندڙ زندگي،
۽ ڪري منهن موڙ هر ڪنهن سور کان،
بس اشارن ئي اشارن ۾ سلڻ سمجهڻ،
تون خود ٻڌا ئج ڪيتري ٿيندي سڦل هيءَ زندگي،
سوچ تہ ڇا هي زندگي؟
زندگي ٿهڪ هڪڙو نا هہ منڙا!
۽ نہ آهي ڇهڪ ڪوئي زندگي،
پر ٽهڪ سان گڏ ڇهڪ ڀي آ زندگي،
زندگي نا هي رڳو ڪنهنجي گلا،
۽ نہ ڪا تعريف آهي زندگي،
زندگي ما ٽڻ بہ گهرجي،
زندگي ڇا ٽڻ بہ گهرجي،
درد جي صحرا مان گذري،
۽ سکن جي سيج ما ٽڻ لئہ جتن آ زندگي،
زندگي ڏادي مٺي آهي پرين!
پر سوچ ڪجهہ ڪيئن سنواريون زندگي،
۽ سوچ ڪجهہ ڪيئن گذاريون زندگي.

# نرتڪي

تہ اي نرتڪي! توکي خبر آ،
تہ تنھنجي نچڻ سان ئي،
زمانو ٿو جھومي پوي
۽ ھر تنھنجي ادا تي،
پنھنجون سوچون وڃائي،
حواس باختہ ٿي وڃي ٿو،
جيستائين تون رقصان رھين ٿي،
تہ کھڙو بہ رنج و غم،
دنيا ۽ عقبا سند و،
ڪڏھن ڏيان ڪنھنجو ڇڪائي سگھي ٿو،
نہ گھر بار ڪنھن کي،
نہ ڪا پيٽ پرواھہ،
تنھنجي ادائن جي وچ ۾ اچي ٿي،
تنھنجي پيرن ھٿن جي چرپر سوا،
نظر ڪاڏي ڦري ئي نہ ٿي،
لڳن سڀ ٿيون پٿرائيل اکيون،
اي نرتڪي! توکي خبر آ،
تہ غمن ۽ ڏکن کان تون ڏيندڙ نجات،
اڃان ناچ ڪر تون اي ناري نياري
جو زمانو ڏکايل آ ڏاڍو،

غمن ۽ ڏکن ڏ وجهرن ۾ ،
مسا ئل جي جي ڏيڻ ۾ قاتل هي ماٺهو ،
۽ سوچن جي لوچن ۾ غلطان ،
پيٽ پوڇا ۾ چارئي پهر ،
ڪي لمحا گهڙيون يا جهٽ پلڪ ،
انهن جي ڏيانن کي سوچن مان ڪڍي ،
دنيا ۽ مافيها کي پلائي ڇڏين ٿي ،
تہ اي نرتڪي! توکي خبر آ ،
هنن لاءِ تنهنجي عظمت جو ڪاٿو نہ آ ،
هنن وٽ تون عظمت کي پهچي چڪي آن ،
تہ اي نرتڪي! توکي خبر آ.
تہ تنهنجي نچڻ سان ئي ،
زمانو ٿو جهومي پوي
۽ هر تنهنجي ادا تي ،
پنهنجون سوچون وڃائي ،
حواس باختہ ٿي وڃي ٿو.

# ايـاز

آءُ ڀِٽائيءَ سان محوِ گفتگو،
ڪجهه ڀڏايان ۽ ڀڏان ٿو ڪيس پِي،
هو هلي آيو هتي آهي سچل،
پنڌ ۾ سامي پيو آهي ڀڏان ٿو،
ڪين پنهنجي هو خليفو پِي رهيو.
۽ ڀڏي سڀ دانهن منهنجي،
ٿا ڏسن چهرا پيا،
سنڌ تي ڪيترا پهرا ٿيا.
مون ڪيو ٿي عرض تن کي،
ڪاله هتڙان ئي اياز،
ويو چڏي سنڌ مان لڏي،
۽ سيد جو عاشقِ سنڌ،
ويو وڃائي وار پنهنجو،
مسئلا ايڏا اُڏا،
حل تن جو ناهه ڪو،
ڪي رهن ڏ' تاڙ ۾ پاٽيءَ مٿان،
ڪيترا ڏاريا اچن ٿا روز پيا،
۽ وڃن سنڌ مٿان پيا ڇانئبا.
پيا سنپاريون روز توکي،
اي ڀِٽائي موٽ ڪاءُ !
تون ڪڏهن ايندين وري،
جو سموري سنڌ جا،
سور ساري باهه ٻاري،
۽ وڏ و ڪو مچ مچا ئي،
بيت وا ئيءَ ۾ سمورو سچ سما ئي،
ڏيهه ساري کي ٻڌا ئي تون سگهين.

# آزاد پنڇي

اي پکي! پرڏيهہ جا،
تي ويل واهيري سندي،
۽ انڌيرو ڇانيل آهي،
گھنگھور گھٽا جو آئي آهي،
ڪيئن تون ويندين ڪھي،
ڪا گھڙي ڪا ئي پلڪ،
ساهہ پٽ،
ساهہ پنھنجا پس، هتي،
۽ رهي پئہ رات هتڙي،
پيار ونڊ پالوٽ ڪر،
آءُ ڄاڻان تو سڄڻ،
ناهہ هت تنھنجو ٺڪاڻو،
تون پکي پرڏيهہ جو،
ناهہ آکيرو تو سندو هت،
اڄ ڪر منھنجي قبول،
جا آهہ منھنجي پيار جي،
۽ رهي پئہ را تڙ هتڙي،
جيئن تئي ڪا روشني،
۽ ڏيهہ تان اونده ٽري،
من تنھنجو پي ڪري،

شمشان سارو هي ٺري ،
پوءِ واٽ تنهنجي لاءِ ساڳي
پنڌ سڀ تنهنجا ڪچيل ،
۽ رَند سڀ تنهنجا ڏ ٺل ،
تون وڃي سگهندين سويرو ،
ڪير روڪي ڪين سگهندءِ ،
تون تہ آن آزاد پنڇي ،
پوءِ مرضي تو سندي ،
تون وڃين توڙي رهين ،
اي پکي! پرڏيهہ جا.

# اڻل اصول

آءُ سدا رهڻو نہ هان،
هي رند راهون هتي،
گهڻ گهير ڇڏي،
گهر ٻار ۽ دوست يار،
پنهنجا پرا وا يار اغيار،
هي ڏيئي ون ڏورا،
سڀ ٻنيون ٻارا،
جسم جي رقص جون صدا ئون،
خوبصورت ادا ئون،
نہ روڪي سگهيون ڪنهن هلڻ هار کي،
نهاري ڏسو پل ا وهان پيار کي،
تہ نا هي زماني ۾ ڪوئي سدائين رهيو،
ڪو ا وتار ڪوئي ولي،
نہ شاعر نہ پيغنبر سهي،
نشانيون ڇڏي يا ڏئي ڪو شعور،
ويو ڏور ڏ ور،
وئي راهہ ڪهڙي هو رمند و رهيو،
انهيءَ جي خبر ڪنهن نہ ڇاتي اجان،
ازل کان پرولي پڙاڏي پئي،

نہ چا تي ڪنهين ۽ نہ پاتي اڃان ،
اڃان پيي اچاتي پرولي اها ،
پر چوان ٿو پڪ سان پيارا پرين !
تہ هڪ ڏينهن مونکي بہ وڃڻو ئي تہ آهہ ،
تہ هڪ ڏينهن توکي بہ وڃڻو ئي تہ آهہ ،
تون اڄ ئي مڃي وٺ ،
سياڻي تہ مڃڻو ئي پوندءِ ،
تہ موت آهي اٽل ،
۽ وقت مقرر تي اچڻو بہ آ ،
انهيءَ کان لنوا ئي سگهيو ڪو نہ آهي
نہ ڪو آءٌ انهيءَ کان بچي ٿو سگهان ،
جڙيو جو بہ آهي سو ڊهندو ضرور ،
ڪريو وس ڪيڏا ،
تہ خاڪي بدن ۾ نہ آ روح رهڻو ،
انهيءَ کي اصل ڏانهن آهہ ڪَهڻو ،
جسزو آهہ جنهن ڪُل سندو ،
انهيءَ سان وڃي آهہ ملڻو ضرور ،
اها پڪ آهي ،
انهيءَ ۾ نہ ڪو شڪ آهي .

# اي امان

کيتري پاپوھ سان
عيد جو موقعو ملهائڻ خاطر،
ريل گاڏيءَ ۾،
اذيتناڪ رات گذاري،
ڏينهن سهاري،
صبح ساجهر اچي،
ڳوٺ پيڙو ٿيس.
هڪ ياڪر ڪنڊ ۾،
نرڙ تي منهنجي چمي،
ڪنهن نہ ڏني.
هيڏي هوڏي نظرون ڦريون،
ڦرنديون رهيون.
مايوس ٿي ورنديون رهيون.
تون تہ هن ڏيهہ مان،
ڪجھہ نہ ڪٺي،
سڀ ڪجھہ ڇڏي،
پونيرن گوندر گڏي،
راهہ رباني راهي ٿيئن.
بس قضا تي رضا،
اي امان!
پر نتو هي من مڃي،
تون هتي يا هتي
اوسي پاسي،
گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾،
آهين ستل،
۽ تڪ ٻڌي مون کي تڪي،
هاڻ هلڪو پٽي ڪرين.

# غزل

- مان نہ توکي ڇهان تون نہ مونکي ڇهين
- منهنجي ٿيڙن جيان ٽڙي پئي آهين
- اوهان ئي وفائون ڪيون
- تون جي پرڇائين تہ مان پيي رسان
- گل ٽڙيو گل ٻوءِ ملي
- مونکي ٿي ڳولين
- واٽون راتيون ۾ ڪي رول
- جسم آهي سور منهنجو ڪيئن ڪيان
- پر مان لنگهندي هو توسان پاسو لڳو
- زندگيءَ ۾ يار ڪوئي هل هجي
- ڪنهنجي لاش تي آهہ اڄ ميڙو متو
- تند ڪائي تار ناهہ

مان نہ توکي ڇهان ، تون نہ مونکي ڇهين،
ڇا ڪريان او! پرين ، دل نہ ٿي منهنجي مڃين

ماٺ من کي ڪيئن اچي ،رات ڪيئن گذري پرين!
بس گهڙي هڪڙي رهي ،تون پيو سهڻا وڃين.

مون ٻڌيون ٻانهون ٻئي ،ڳل وڌم ڳارو پرين!
منٿ هڪڙي مون ڪئي ، چو نہ تو منهنجي مڃين.

عيد ڪن منهنجون اکيون ، تون پوين هڪڙي رهي،
سون ٿي مآن پيي پوان ، هڪ دفعو مون کي سڃين.

منهنجي ٽيڙن جيئان ٽڙي پئي آن،
اماس ۾ تارن جيان ڪِرِي پئي آن.

ڳالهه مون خيري ڪئي پئي پر مڃني،
مان نہ چاھيان تون ڪٿين ڇڙي پئي آن.

رات ڪاري ۾ انڌاري، وڏ ڦڙو ۾ واهڙ،
ڪري ياد ڪو انجام،ڳهڙي پئي آن

منهنجو ڪمرو اونداهو ، نہ ڏيئو نہ لاٽ،
چوڏهين ءَ جي چنڊ جيان ،ڪڙي پئي آن

ڪيترا ڏينهن ٿيا، تو نہ مڃي منت ڪيا،
اڄ تہ ڪانگهاريءَ جيان ، مڙي پئي آن

اوهان ئـي وفائون كيون،
اوهان ئي جفائون كيون.

ٻڌيون تو نہ ڇو ڄاڻان ا هي،
اسان جيڪي صدائون كيون.

سَتيون سِر ڪِلي هيج مان،
اوهان جيڪي ادائون كيون.

ڳالهہ مون اوهان جي ڪئي،
پر اوهان ٻي ندائون كيون.

تون جھڙي پرڇائين تہ مان پيئي رڻان
تون جي رڻارين تہ ڳوڙها اگهان

تون منھنجي سان تہ مجھين ئي نہ ٿو
ڪيئن مون هو گھٽايو پنھنجي وسان

رات سانت ۾ سور جي سرور ۾
پيار پنھنجو پيئو مان ئي پسان

نيڻن جي ميڻن ۾ ڇا بچي آ ويو
لڙڪ بيھن نہ ٿا ڇا وراڻي ڏسان

توڻ جو هيڪر وڃين نہ آئين وري
ڏيھہ آ اڻ ڏٺو ڪيئن تو وٽ رسان

گل ٽڙيا گل بوءِ ملي
جهونڪو لڳو خوشبوءِ پڳي

رات پير هڪ خواب ۾
جاڳ ائين جلندي رهي

ڪنهن پڇيو تنهنجو پتو،
مون ڏسي هن کي ڳلي.

مان نه قابل ڪين هوس
مونکي بشارت تو کان ملي.

تون سامهون آئينءَ پئي،
دل نه مون کان ٿي پلي.

رات محفل دنگ ٿي وئي،
ريت تو بن ويئي جلي.

ساھ سان مونکي لڳي آ
هيڏانهن هيڪر اچ هلي

مور ڪي پي مات ڏئي وئين،
ٿور، تو اچ آهه اهڙي ٿلي

رنج رسامان ٻن وجهي
هيڪر لڳائج ڳل ڪلي

سڪ منجهان سبارئي ستار
هن ڪاڻ نہ تي ٿئي دل جهلي

مون کي ٽي ڳولين،
ڀاڙ کي ٽي رولين.

ٽي ڪيڏي ٻاجھہ ٻکي،
جا ٻولي ٽي ٻولين.

ڀيڄ ڀني رات رنيَ،
ٽي راز ڪيئي کولين.

ڳهرا ڳُا هٽ ٽيا آهن،
ڇاتيون ٽي ڇاڇولين.

ڏينهن ڪٽا ڀنڊ ڪندي،
ڇو راتيون ٽي رولين.

ٻاک ڦٽي نہ پريت ڪٽي،
ٽي ڀاڳن کي ڀولين.

سانگ سڄاتم ڪانگ،
ٻولي اهڙي ٽي ٻولين.

واتــون راتيــون ۾ ڪــي رول،
اپ ڪپر پيرن پريل جهـول،

سيڪا سڏڪي هنجون هاري،
ساري پنهنجا پنهنجا ڏول،

ور وريتي واجهه وجهي تي،
نينهن نہ ڪٽ چاتين چاچول،

آءُ اچي ڏس منهنجا حال،
.ايئن پڇن شل تنهنجا پول.

جاني چاڪئون آنهہ چڏي ويو،
ڪين، وٽن مون ڪٽم ڪهول،

واعدن تي مون عمر گذاري،
پاڙ پرين اچ پنهنجا قول.

ڪيڏ و ساهہ سڪي تو ساجن،
شال ٻڌان مان تنهنجا ٻول

جسم آهي سور منهنجو، ڪيئن ڪيان مان ڪيئن ڪيان،
روح آ رنجور منهنجو ، ڪيئن ڪيان مان ڪيئن ڪيان.

ڪئي اڏارون سڳنڌن جون، ڏس قول بہ وڪريا پيا آهن،
ڪيڏو پورالو پور منهنجو، ڪيئن ڪيان مان ڪيئن ڪيان.

زخم چڪيل اڪ ڏرا ڏنل ، آ حالت منهنجي کهڙي ٿي،
جسم سچو ئي سور منهنجو ، ڪيئن ڪيان مان ڪيئن ڪيان.

ڪيڏو پرين ءَ جو پنڌ پري ، تو منهنجو هاٿي ڪنڌ ڍري،
پوءِ بہ مَن آ مخمور منهنجو ، ڪيئن ڪيان مان ڪيئن ڪيان.

سهڻا سارا ڪٿين نظارا ، ڪنهن تي اک تي ڪين بيڏي،
تو دور نهاري نور منهنجو ، ڪيئن ڪيان مان ڪيئن ڪيان.

تو ڪيئن جهتي هڪ نظر سان ، جوبہ وهي جڳ منجھ پيو ،
. اهڙو آهي شعور منهنجو ، ڪيئن ڪيان مان ڪيئن ڪيان.

پڙ مانِ لنگھندي تو سان ڪؤ پاسو لڳو،
جسم جو هنڳاءُ آساهہ ۾ پڪڙي ويو.

هت زاتِ پر تات تنهنجي هئي لڳل،
مرڪي هيڪر تو ڪٺي مون ڏي ڏٺو.

ڇو ساهہ ۾ ساهہ نٿو ماپي اجهان،
پيار پري نگاهہ سان ٿو مون ڏي ڏٺو.

ڪيئن پڇي ٻني جُـوءِ وچي ڪوئي،
جنهن ڪي پيارو آهي پار ئي تنهنجو

جسم ڪي جسم هئي چڪ اهڙي ڪئي،
بنا سوچڻ سڌو تو وٽ اچي سهڙيو

ٿيون ڳالهيون تہ مٿ ر سر گونجيا
تنهنجو محفل ۾ جيئن ذڪر چڙيو

ڪاش! سمجهي سگهن گونگيون اکيون،
مات رهندي ٻہ هو تو جو ڪجهہ چيو.

ڪيئن توکي سڏي ٿو سوچي سنتار،
نانءُ تنهنجو نہ هو مون تو کان پڇيو.

تون جي پر چائين تہ مان پي رسان،
تون جي ر ئارين تہ ڳوڙها اگهان.

تون منشن سان تہ مجنين ئي نہ تو،
ڪين مون پي گهٽايو پنهنجي وسان.

رات سانت ۾ بسور جي سرور ۾،
پيار پنهنجو پيو مان پي پسان.

نيڻهن جي ميڻهن ۾ چا بچي آ ويو،
لڙڪ بيهن نہ تا چا ورائي ڏسان،

تون جو هيڪر وئين نہ آئين وري،
ڏيهہ آ اڄ ڏنو ڪيئن تو وٽ سان.

ڪنهنجي تنا زي لاش تني آهه اڄ ميڙو متو،
ڪنهن انهيءَ لاش مان آ حوصلو ايڏو ورتو.

ڪير ڪنهنجو ٽوٽئي ۽ ڪير ٽو ڪنهن ڪان پڇي،
ڪو پڇي ورپام ٿيو آ ڪير ڳاڙهي رنگ رتو

ڪنهن لڪائي ذات پنهنجي ڪنهن لڪايا ٻارڙا
ڪو ڏسڻ لاچار ٻڌيو ڪنهن ڏنو ڪنهن جو پتو.

آهه هرڪو خوف ۾ ڪم ڪار ڪنهن ڪان ڪيئن پڇي،
ڪير ٿو هيسائي ڪنهن ڪي ڪو اڳاڙي پيو پتو

ڪير ڪاهي ٿو اچي ڪڏ ڪيون ڪري ۽ ڪنڌ ڏئي
ڪير ان ويڙهاند مان ٻڌجي ويو آ بس چتو.

ڪير ٻلوانن مٿل ٿو منهن ڏئي ۽ ماٽي مليں،
ڪير ڪنڌ ڪي ٿو جهڪائي، ۽ سڏائي ٻي ستو.

تنـد كـائي تـار ناهـ،
يــاد كــائي ســارناهـ.

كيـئن لڳـي دلـڙي هتـي،
لـــونءَ كــائي لار ناهـــ

تـي پڇـي كـامي رڳـو دل،
هنـت تـہ كـائي تـار ناهـ

اڄ اچـڻ تـو گهـر تـيم،
تـــو وٽــان كيكـــار ناهـــ

هونءَ تہ تون آهين حكيم،
كيـــئن دوا بيمـــار ناهـــ

تـون اچـين سـوءُ بـار اڄ.
جهل، پل، كائي مار ناهـ

ڏيهـ ســاري جـي انــدر،
ســـك تــہ كـو ستار ناهـ

زندگيءَ ۾ پيار ڪوئي هل هجي،
تنهنجي وارن ۾ ڪوئي گل هجي.

آءُ هجان ڪو سمنڊ اهڙو ئي وشال،
جنهن جي ڇولين ۾ ڪوئي ڇل هجي.

شل زندگي اهڙي عمارت تي پوي،
پيار جو جنهن ۾ نہ ڪوئي ٿل هجي.

ڪيترو اڄ مست ٿو پاسي سنار،
ڇڻ نہ پيتل ڦُل مٿان ڪو ڦُل هجي.

# ترائيل

- جيئن ڪجل پائي اکين ۾،لالي لبن کي لاتئہ
- پيا پوِنر پرن تو واسي جڳ کي واءَ هڳاءُ
- منهنجا منا مهنا ٿيا هاڻ تہ تون موٽي آ
- جاڻ اڃي سج لٿو آهہ پري پنڌ پيو.
- چنڊ ڳليون سڀ رلي،نيقت پڳو ير تڪ مسافر.
- ڇاڇا نہ آهہ سنڌءِ سونهن سوائي آهي.
- رات جو ننڊ ۾ خواب ئي تہ ٻٽجي آءُ
- ٻاهر ڪوئي ٻاڪاري ٿو.
- اسان ٻہ تنهنجا ئي تہ آهيون سڄڻ.
- ڪئي رها ٽيون تو وئي يار رهجي ويون.

اسان ٻہ تنهنجا ٿي تہ آهيوءَن سڄڻ،
تون پنهنجيءَ دل کان پڇي تہ ڏس.
ناڻ پنهنجو پليا ٿي نہ آهيئون سڄڻ،
اسان ٻي نہ تنهنجا ٿي تہ آهيئون سڄڻ.

سڀ کلائيءَ ۾ ڪڏهن تون سوچي تہ ڏس،
نو سوا ڪجهہ پي اسان نا هيٺون سڄڻ.
اسان ٻہ تنهنجا ٿي تہ آهيئون سڄڻ.
تون پنهنجي دل کان پُڇي نہ ڏس.

ڪيئي رهاٽيون تو وٽي يار رهجي ويون.
پاڻ رهي ڪين سگهئين، يادون جنڌي ونيون.
آيو ائين هئين، ڇڻ تہ ڪنهنجي تنڌي وسين،
وٽيين نہ يار موٽڪي گونسر ڪندي ونيون.

ونين تہ جسڻ هن شهر مان ٿي لڏي وٽيين
پل ۾ اکين کان سوين ڳالهيون سلجي ويون،
چپ، رهيا چپ مگر، دليون رلجي ويون،
ڪيئي رهاٽيون تو وٽي يار رهجي ويون.

جيئن ڪجل پائي اکين ۾ ، لالي لبن کي لائڻ،
ڏينهن ۾ اوندھ پيڳي ، شفق رنگ وڪري ويو
پوءِ وري ڪولي دري ، مون گھر جهاتي پائڻ،
۽ ڪري اک سان اشارو ، هٿ چپن تي لائڻ.

منهنجي چهري جا سيئي ورن ٿي چائڻ،
گسلگسنايئڻ گيت پئي، سُر سنگيت وڪري ويو،
آھ اجهان ياد پرين ،جو گيت پئي ڳائڻ،
جيئن ڪَجل پائي اکين ۾ ، لالي لبن کي لائڻ.

---

پيا پؤ نر يرن ، ٿو واسي جڳ کي واءُ هڳاءُ،
تنهنجو نياپو مونکي مليو ، پوپٽ پر پکيڙيا.
مان ٿو چاٽان اي پرين! تنهنجو آهي لڳاءُ،
منهنجي آئي تو جو ڪيڙو ، منهنجو آدرياءُ.

مونکي مر ڪون آچيئڻ ، سنڌ سنڌ پاتو ساءُ،
لڙڪ لڙيا لارون ڪري ، مون کي موتي وڪيريا.
لونءَ ڪانداري تنهنجي، آيئڻ هٿ جو ڇهاءُ،
پيا پنوءَ نر يرن ، ٿو واسي جڳ کي واءُ هڳاءُ.

منهنجا منا مهنا ٿيا ، هاڻ تہ تون ير موٽي آ ،
مونکان پرچي ئي نہ تو ، روح رڙي تو ڪان سوا.
زندگيءَ تي پروسو ئي نا هي ،ياد اها ڪوٽي آ ،
هيءُ جياپو آهي جنهن تي ، سو تہ ڳيو روئي آ.

نينهن وسي مينهن جيان ، ان جي نہ ڪا چوٽي آ،
راتِ رسي دلڙي ڪسي ،ڪونہ پيو تو ڪان سوا.
مان بہ تون ئي آهيان سائين ، ڪا نہ ڪا وچوٽي آ،
منهنجا منا مهنا ٿيا ، هاڻ تہ تون ير موٽي آ.

---

چاڻ اچي سج لٿو ،آهہ پري هي پنڌ پيو ،
ڪيئن چوان حياتي ڪيتري، منهنجي اچان.
موٽڻو آهي يا نا هي پرين! مان ڪيئن مڃان،
تو نہ آهي واڳ واري ، تو سوا مان ڪيئن وڃان.

راهہ مشڪل، دور منزل، مان نہ تو پولا پڇان،
آهہ سٽ، ۾ سر هڪو ،نا هہ مونکي سر پيو.
پوءِ پي منهنجا پرين ، تو کي ڏسڻ لاشڪ ٿيو ،
چاڻ اچي سج لٿو ، آهہ پري هي پنڌ پيو

چنڊ، ڳليون سڀ رلي، نيٺ ٿڪو ٿڪ مسافر،
هرڻ اکيءَ پيرا نہ لڌا، و ڃون وسي جو آئيون.
ڪانگ لنوي اک ڦڙڪي، سانجهيءَ ٿاٽي ۾ ساڃهر،
چنڊ ڳليون سڀ رلي، نيٺ ٿڪو ٿڪ مسافر.

ڪتين ڪر موڙيا جڏهن، واتون ڦلن سان ڇانئيون،
پيچل جو ڪجھ پوليو، نسرت ڏني پئي تيئن ناتر
چنڊ ڳليون سڀ رلي، نيٺ ٿڪو ٿڪ مسافر.
هرڻ اکيءَ پيرا نہ لڌا، نيٺ ٿڪو ٿڪ مسافر.

---

ڇا ڇا نہ آهي، سندئہ سونهن سوائي آهي،
تنهنجي ڇهري نہ لڪائي، تو ڇا لڪائي ڳالهہ،
توکي جڏهين ڏٺم، منهنجي دل تسوائي آهي،
ڇا بہ گڏ ري گهڙي، يادڪندي سجائي آهي.

ننڊ منهنجي ڦٽي، تنهنجي بڏي ڪائي ڳالهہ،
رات پهر اک نہ لڳي، دل جي تانگهہ تسوائي آهي.
تنهنجي سڪنيءَ ڪالهہ سا ڳالهہ بڏائي آهي،
ڇا ڇا نہ آهي، سندئہ سونهن سوائي آهي.

رات جو ننڊ ۾، خواب ئي تہ ٻڌجي آءُ،
ڪئي ڳالهيون، تو سان سلڻ چاهيان ٿو.
ڏينهن ڏئي، تو سان تہ ملڻ چاهيان ٿو،
تنهنجي نظرن ۾ ئي رهڻ چاهيان ٿو.

توکي ڏسي دل ڪي نہ پلڻ چاهيانَ ٿو
ميگهہ ۾ ڪي ملهارون ئي تہ ٻڌجي آءُ،
هٿ هٿ ۾ ڏئي تو سان هلڻ چاهيان ٿو
ڪئي ڳالهيون تو سان سلڻ چاهيان ٿو

---

ٻاهر ڪوئي ٻاڪاري ٿو،
اندر آهون اڏمان آهن.
ساهہ سڄڻ، ڪي ساري ٿو،
ٻاهر ڪوئي ٻاڪاري ٿو.

ڪير ڪيئن، تسي ڪو ڪاري ٿو،
ٻيڙين وارا سڙهہ سنباهن،
ٻاهر ڪوئي ٻاڪاري ٿو.
اندر آهون اڏمان آهن.


مونکي محبت آهي
خليل جبران
پيغامبر
آدرشي انسان
ستار پيرزادو
آواره
سنڌ ادبي اڪيڊمي
لاموتي لڏي ويا

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَ‌ٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پوءِ ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي تي جَڪَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)